# سرسو

## ڀهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو




## سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

چهه ماهي

# سرسو

جولاءِ 2018 کان ڊسمبر 2018

اهي ماڻهو جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائي جا ڪم ڪن ٿا انهن لاءِ انعام آهن.

(القرآن)

## هن شماري ۾......


- ايڊيٽر پاران ........ 2
- چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام ........ 3
- سرسو انٽرپرائيز ۽ بزنس ڊولپمينٽ گروپس ........ 4
- يورپين يونين جي ڪلچر مشن پاران سرسو جو دؤرو ........ 6
- يورپين يونين جي وفد جو (PINS) پروجيڪٽ ايريا جو دورو ۽ ڳوناٺين عورتن سان ڳالهه ٻولهه ........ 10
- ڪاروباري ترقياتي گروپ ” ارباب ميربحر“ ........ 12
- سرگرم ڪارڪنن جي ڪميونٽي ڪانفرنس ........ 15
- آزاديءَ جو ڏينهن ........ 18
- جانورن جو عالمي ڏينهن ........ 21
- ڪلسٽر اسڪول: معياري تعليم لاءِ منفرد ماڊل اسڪول ........ 24
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو ........ 27
- سجاول کان برسلز تائين جو سفر ........ 31
- سون جهڙي سوچ ........ 35
- ننڍي سيڙپڪاري، وڏو فائدو ........ 37
- خوشحالي طرف وڌايل وک ........ 39
- زندگيءَ جو مشڪل سفر ........ 41
- مايوسيءَ کي مات ........ 43
- هنري تربيت حاصل ڪندڙ عشرت فاطمه ........ 45
- ڪميونٽي لائيو اسٽاڪ ايڪسٽينشن ورڪر جي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي .. 47
- ايچ آءِ وي ۽ ايڊز: احتياط جي سخت ضرورت آهي ........ 50



**ايڊيٽر**

**نويد اسحاق ميمڻ**
سينيئر مئنيجر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سکر.

**ايڊيٽوريل بورڊ**

**نياز احمد هنگورو**
ريجنل مئنيجر - II
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**زبير سومرو**
مئنيجر آءِ.ايم.ايس.ڊي
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**غلام رسول سميجو**
ٽيم ليڊر PPRP
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**بابر جاگيراڻي**
پروگرام آفيسر MER
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

**عبدالوحيد پرڙو**
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
**بخت علي ابڙو**
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن



رابطي لاءِ ڏس پتو

**مانيٽرنگ ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر.
فون: 071-56271820 فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ www.srso.org.pk

هيڊ آفيس **سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)**
سرسو ڪامپليڪس شڪارپور روڊ سکر

# ايڊيٽر پاران

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي راهه کان هٽيل طريقن، ريتن ۽ ٻي جا رسمن بجاءِ ترقيءَ جا اهڙا طريقا ۽ نظام متعارف ڪرائجن، جن سان سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن جي مٿان غربت جي چڙهي ويل ڌڙَ کي لاهي صاف ڪجي ۽ ڳوناٽن کي پنهنجي مدد پاڻ تحت واري فلسفي جي اصولن تي هلندي ڪين ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪندي ڪاميابين جا نوان داستان رقم ڪجن.

چوندا آهن ته تبديلي لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پوندي آهي پر مان ان ڳالهه ۾ ٿورو واڌارو ڪندس ته تبديليءَ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ته ڪرڻي ئي پوندي آهي پر جڏهن اها تبديلي فردن بجاءِ سموري معاشري سان وابسطہ هجي ۽ ان تبديلي جو مقابلو سماج ۾ سوَن سالن کان پاڙون مضبوط ڪري ويٺل ناقص نظام سان هجي ته پوءِ ان تبديليءَ لاءِ مستقل بنيادن تي محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن تبديليءَ جي انهيءَ سفر ۾ ڪي رڪاوٽون اچي وڃن ته پوءِ اهو سفر اجان به گهڻو ڏکيو ٿي پوندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڏکئي سفر تي هلندي اسان کي پنهنجون حڪمتِ عمليون به تمام گهڻي مهارت سان جوڙڻ جي ضرورت آهي. سرسو سان سلهاڙيل ٽيم نه صرف تجربيڪار آهي پر باهمت پڻ آهي. جنهن ۾ مسڪين ماڻهن جي تڪليفن کي ختم ڪرڻ جو هڪ جذبو موجود آهي. جيئن ته سرسو ۾ موجود محنتي، تجربيڪار ماڻهن ۽ خاص ڪري محمد ڏتل ڪلهوڙي جي قيادت ۾ جهڙي طرح سرسو تيزي سان وڌي رهي آهي ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ غربت خلاف جهاد جي الم کي اونچو رکيو ويٺي آهي تنهن جو مثال مشڪل سان ئي ملي ٿو.

اسان سرسو سان سلهاڙيل اهڙن ئي ڪردارن کي منظرِ عام تي آڻيندا آهيون ۽ اسان جو اهو عزم هوندو آهي ته جن ماڻهن سرسو جي ڏنل تبديلي ۽ ترقيءَ جي رستي تي هلندي ڪاميابيون ماڻيون اسان انهن ماڻهن جي ڪيل جاکوڙ ۽ محنتن کي ٻين تائين پهچايون ته جيئن انهن ماڻهن جي همٿ، جذبي ۽ سندن زندگيءَ ۾ آيل تبديلين کي ڏسندي ٻيا ساٿي پڻ غربت خلاف جنگ واري ترقياتي پروگرام سان ڳنڍجي وڃن ۽ نه صرف پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جي حالتن کي بهتر ڪن پر ان سان گڏوگڏ هن سماج جا ڪارائتا فرد پڻ بڻجن.

اميد آهي ٿا ته اسان جو هي سفر جاري ۽ ساري رهندو ۽ اوهان جي ڪيل محنتن کي سرسو جيڪا مڃتا ڏني آهي ۽ اسان کي يقين آهي ته سنڌ جي هر واهڻ وستيءَ ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي هڪ ڏينهن ضرور ماڻُ ملندو ۽ سنڌ جا ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت جي عزم سان هڪ ڏينهن ضرورو ڪاميابيون ماڻيندا.

**نويد اسحاق ميمڻ**

# پيغام

سنڌ جي غريب ماروئڙن جو تعلق ٻهراڙين سان آهي. اسان جا ڳوٺ واهڻ ۽ وستيون بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن، جتي صحت، تعليم، روڊ رستا، روزگار جا وسيلا نہ هجڻ جي برابر آهن. اتان جا غريب ماڻهو، جيڪي بيرزگاري ۽ غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهن، انهن جي معاملن کي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اهڙن غريب ڳوٺاڻن لاءِ روشن سج جيان اميد جو هڪ ڪرڻو آهي. هي ادارو انهن غريب ڳوٺاڻن خاص طور تي عورتن جي جاڳرتا ڪندي سندن لڪيل صلاحيتن کي اپاري ٿو تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهندي پنهنجي آمدني وڌائيندي غربت کي نيڪالي ڏئي سگهن.

سرسو اهڙو ڪم سنڌ جي 15 ضلعن ۾ صحت، تعليم، زراعت، مال مويشي، هنري ۽ سلائي ڪڙهائي، فني سکيا ۽ ڳري مشينري جي ڊرائيونگ وغيره جي مد ۾ غريب ماڻهن سان گڏجي سڏجي ۽ سلهاڙجي ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن سندن زندگي ۾ آسودگي جهڙو خواب ڏسي سگهجي. ۽ سرسو جا سماج سڌارڪ ڏينهن رات غريبن کي منظم ڪندي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي رهيا آهن تہ جيئن منظم ٿيندي سندن جي زندگين مان نااميديون، نراسايون، مفلسيون ختم ڪندي ڪين خوشحال ۽ پرامن زندگين طرف وک وڌرائي سگهجي. ۽ هو آمدني ڪمائندي پنهنجي گهرن ۽ ڳوٺن لاءِ ڪارآمد ۽ مستقبل جا معمار ثابت ٿي سگهن.

اسان جون ڪيل ڪوششون روشن سج جيان سيني جي اڳيان آهن جنهن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صاحب اختيار ادارن، سرڪار ۽ ڳوٺاڻن جي مدد ۽ ساٿ جي اجان بہ وڌيڪ ضرورت آهي.

مان اميد ٿو ڪريان تہ اهڙي جدوجهد جاري ۽ ساري رهندي ۽ پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان جا ڳوٺاڻا ترقي يافتہ ڳوٺن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا.

ساٿ سلامت

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيسن سکر

# سرسو انٽرپرائيزءِ بزنس ڊولپمينٽ گروپس

رياض جلالاڻي
مئنيجر سِي.اي.ڊي سيڪٽر



هٿ جو هنر دنيا جي عظيم ڪرت آهي. هٿ جي هنر جي قدرداني دنيا جتي پنهنجي قومي ۽ مقامي ورثي ڪي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڊجيٽل منڊي سميت عالمي ميلن ۾ هٿ جي هنر کي هٿي وٺرائڻ جا جتن پئي ڪري اُتي سنڌ اندر ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ هنرمندن جي قدر داني نہ ٿيڻ ڪري پنهنجن هنرن کان پري ٿي رهيا آهن. ماضيءَ جي تاريخ پڙهڻ مان معلوم ٿيندو تہ سنڌ صوبي ۾ پراڻي تهذيب جي آثارن مان جيڪي شيون مليون آهن، تن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ جا ماڻهو قديم زماني کان هٿ جي هنر ۾ ماهر هئا. ڪيترائي هٿ جا هنر جيڪي ماڻهو وساري وينا هئا، تن کي وري همٿايو ويو آهي. سنڌ جون پورهيت عورتون جيڪي پنهنجي هٿ جي ڪاريگريءَ سان محنت ۽ شهڪاري جا گل ڇٽين ٿيون تن هٿن جي عظمت کي سمجهندي، ڪين خراج پيش ڪرڻ سان گڏ انهن جي پورهئي جي قدرشناسي ڪندي ان کي متعارف ڪرائڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن کي پهريان تنظيمي شڪل ۾ متحد ڪري انهن مان هنرمند عورتن جا ڪاروباري گروپ ٺاهي انهن کي تربيتون پڻ ڏياريون آهن. جنهن جو بنيادي مقصد آهي تہ ٻهراڙي جون عورتون پنهنجي مدد پاڻ تحت ننڍي پيماني تي پنهنجو ڪاروبار شروع ڪري پنهنجي گهر جي آمدني ۾ اضافو ڪري سگهن.

جيئن تہ هنر مند عورتن جي شاهڪارن جي پذيرائي لاءِ سرسو 2011ع ۾ ”سرتيون سنگ“ نالي هڪ نمائشي سلسلو جوڙيو ۽ پنهنجي ڪم جو آغاز ڪيو. سرتيون سنگ جا بنيادي مقصد هينيان آهن.

- تنظيم سازي ۾ آيل هنرمند عورتن جي چونڊ ڪرڻ.
- چونڊيل هنرمند عورتن جا گڏيل ڪاروباري گروپ (Business Development Groups - BDGs) مقامي سطح تي ٺاهڻ.
- ڪاروباري گروپ جي ميمبرن جي سکيا جو بندوبست ڪرڻ.
- اداري پاران لڳندڙ مختلف نمائشن ۾ حصو وٺرائڻ ۾ مدد ڪرڻ.
- ڪاروباري رابطا ڪاري ۾ مدد فراهم ڪرڻ.



**ڪم ڪار جو طريقڪار:**

سڀ کان پهريان اداري پاران ڳوناٽي سطح تي منظم ٿيل گروپن منجهان هنرمند عورتن جي سرسو جي موبلائيزيشن ٽيم جي نشاندهي ڪانپوءِ ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر ضلعي ٽيم سان گڏجي انهن هنرمند عورتن جي مرضيءَ سان ڪاروباري گروپ

ناهڻ جو آغاز ڪيو ويندو آهي. ان ڪاروباري گروپ جو نالو به اهي هنرمند عورتون رکنديون آهن. ڪاروباري گروپ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته هر هنرمند عورت جي ڪم جي ٽيسٽ ورتي ويندي آهي. ان ٽيسٽ جي نتيجي ۾ ڪم جي معيار مطابق درجه بندي (A,B,C) ڪئي ويندي آهي، جيڪي محنت ڪش عورتون ان معيار مطابق ڪم ڪنديون آهن انهن کي ميمبر ڪيو ويندو آهي.

ڪاروباري گروپ (BDGs) جي تنظيم سازي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ان گروپ جي ڪم جي معيار کي مَدِنظر رکندي انهن ميمبرن لاءِ تربيت جو بندوبست ڪيو ويندو آهي ته جيئن اهي سڀ ميمبر ساڳئي معيار ۽ مارڪيٽ جي گهرج مطابق ڪم جي معيار تي پوريون لهي سگهن.

اهي تربيتون بهترين ادارن، ماسٽر ٽرينرس ۽ ڊزائينرز جي زيرنگراني ڪرايون وينديون آهن. ۽ انهن تربيتن جو بندوبست وقت سر مارڪيٽ جي گهرجن پٽاندر منعقد ڪيو ويندو آهي ته جيئن مارڪيٽ جي معيار تي پورو لهي سگهجي. ”سرتيون سنگ“ جي نالي کي برانڊ طور رجسٽرڊ پڻ ڪرايو ويو آهي. ان سان هٿ جي هنر ۽ هنرمندن کي هڪ پليٽ فارم مليو آهي ۽ هن پليٽ فارم ذريعي مقامي توڙي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي پذيرائي ملڻ سان گڏوگڏ ڪاروباري رابطه ڪاري پڻ وڌي رهي آهي.

ڪاروباري گروپس (BDGs) کي مضبوط ڪري پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ هڪ ته سرتيون سنگ جو پليٽ فارم مهيا ڪيو ويو آهي، ٻيو ته مقامي، قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي هٿ جي هن هنر کي پذيرائي ڏيڻ لاءِ مختلف ادارن طرفان منعقد ٿيندڙ نمائشن ۽ سرتيون سنگ نمائشي ميلن ۾ موقعا فراهم ڪيا ويندا آهن. ان جو خاص مقصد اهو آهي ته سڀئي ڪاروباري گروپن جا سڌا سنوان رابطا مارڪيٽ ۾ ٿين ته جيئن هڪ پائدار ڪاروبار طور سجاتا وڃن.

سرسو طرفان سرتيون سنگ جي نالي سان اوشين مال ڪلفٽن ڪراچي ۾ سالانه نمائشون (ايگزيبيشنس) ۽ ڊولمن مال ڪلفٽن ڪراچي ۾ نمائشون منعقد ڪرايون وينديون آهن. ان کان علاوه ملڪ جي مختلف وڏن شهرن جهڙوڪ: لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ڪاروباري گروپ جي ميمبرن جي سڌي طرح اسٽال هٽي پنهنجي هٿ جو نهيل شيون وڪرو ڪرڻ سان سندن وڌي همت افزائي پڻ ٿي رهي آهي. اڪثر ڪاروباري گروپن جو مارڪيٽ سان هاڻي سڌوسنئون رابطو به جڙيو آهي.

هن وقت تائين منظم ٿيل ڪاروباري گروپن جو تعداد 15 ضلعن ۾ 167 ۽ ڪل هنرمند عورتن جو تعداد 3,605 آهي. سمورن ڪاروباري گروپن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ سرسو جي ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر پاران منصوبه سازي ڪئي پئي وڃي ته سڀئي گروپ سڌوسنئون خريدارن سان رابطي ۾ رهن. آرڊر وٺي پنهنجي هٿ جو نهيل سامان وقت تي ڏئي جهجهو ناڻو ڪمائين ۽ تمام جلد سڀئي ڪاروباري گروپ پنهنجي هٿ جو نهيل سامان آن لائين (On line) وڪڻي سگهندا، ان لاءِ مختلف ادارن سان رابطا پڻ ڪيا ويا آهن.



# يورپين يونين جي ڪلچر مشن پاران سرسو جو دؤرو ۽ منظم ڳوٺاڻين عورتن سان ڳالهه ٻولهه

عبدالمنان چاچڙ
اسسٽنٽ مئنيجر ڊاڪيومينٽيشن اينڊ رپورٽنگ
سڪسيس پروگرام

## دوري جو خلاصو



29 سيپٽمبر 2018ع تي يورپين يونين جو وفد ورجيني يارٿ، راشد بخاري ۽ آر.ايس.پي.اين جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر مس شندانہ خان هڪ ڏينهن جي دوري تي لاڙڪاڻي پهتا. وفد کي سڪسيس پروگرام جي ٽيم ليڊر جمال مصطفيٰ شورو سنڌ جي قديمي ماڳ موهن جي دڙي جو دورو ڪرايو. وفد صبح جو موهن جي دڙي جي دؤري لاءِ پهتو. جتي هنن مختلف جڳهون اسٽوپا، ڊي ڪي ايريا، وهنجڻ جي تلاءُ سوڌو ميوزم ۾ رکيل نڪر جا ٿانوَ، هارسينگار جو سامان ۽ ٻيون شيون ڏٺيون. ان موقعي تي مس ورجيني يارٿ مختلف سوال پڻ ڪيا، جنهن تي موهن جي دڙي تي موجود گائيڊ آرڪالاجي جي نمائندي دڙي بابت پڇيل سوالن جا ڪيس تفصيل سان جواب ڏنا ۽ کين مڪمل معلومات فراهم ڪئي.

هن دوري جو خاص مقصد هو تہ ثقافتي ماڳن جو گهرائيءَ سان معائنو ڪري اتي ٿيندڙ مالي سرگرمين ۽ اتان جي شين کي ٻهراڙي جي معاشي ذريعن سان ڳنڍي ڳوٺاڻين عورتن لاءِ روزگار جي ذريعن جو پڻ جائزو وٺڻ.

ڪلچر مشن سنڌ جي قديمي آثارن وارو ماڳ موهن جي دڙي جو دورو ڪرڻ بعد ۾ واري ڳوٺ امام بخش ملاح ۾ ڪميونٽي جي متحرڪ ڪارڪن عورتن جي ورڪشاپ ۾ شرڪت پڻ ڪئي.

### موهن جي دڙي جو دورو



ڪلچر مشن پنج هزار سال پراڻي تهذيب بابت معلومات حاصل ڪئي تنهن ڪان پوءِ مشن انهيءَ پهرين جڳهه جو معائنو ڪيو جتان هي قديمي تهذيب دريافت ٿي. ان جڳهه جي هر ڪنڊ ۽ هر حصي کي گهرائي سان جاچيو. تنهن بعد "ڪنگ پريسٽ" جي مجسمي جو معائنو ڪيو ۽ ٻڌ اسٽوپا (ٻڌ مندر) جي معائني دوران جاچ ڪئي ته هي ڪڏهن ۽ ڪيئن نهيو. جڏهن ته ڪلچر مشن "سوئمنگ پول" ۾ گهري دلچسپي ورتي انهيءَ موقعي تي هن وڏي سوئمنگ پول بابت ڪيترائي سوال پڇيا جهڙوڪ: هتي تازو صاف پاڻي پهچائڻ جو ڪهڙو طريقو استعمال ٿيندو هو ۽ استعمال ٿيل پاڻي ڪيئن چڱي ريت نيڪال ڪيو ويندو هو.

۽ ان ڪوهن کي پڻ ڏٺو جتان هن سوئمنگ پول لاءِ پهچايو ويندو هو. جڏهن ته مشن نيڪال جي نظام جي گهرائيءَ سان جاچ ڪئي جيڪو هن سائيٽ سان لاڳاپيل آهي. هن ان دور جي ڪاڪوسن ۽ غسل خانن جي ڊزائين جي جاچ پڻ ڪئي ۽ ان جي نيڪال جي ڳانڍاپي جو جائزو ورتو جيڪو گهٽين جي نالن سان سهٽي نموني ڳنڍيل هو.



ان موقعي تي ورجيني يارٽ اهي الفاظ چيا ته ”هن ماڳ جي دوري بعد ڪوئي به آساني سان اهو ٻڌائي سگهي ٿو ته هتان جا ماڻهو صفائي سٿرائي بابت تمام گهڻا محتاط هئا“. جڏهن ته هن قديمي ماڳ جي تباهي، دريافت ۽ ڪوتائيءَ بابت پڻ بحث مباحثو ڪيو. سائيٽ جي دوري بعد مشن موهن جي دڙي جي ميوزيم جو دورو

پڻ ڪيو. ميوزيم انچارج سموري دوري دوران سندس رهنمائي ڪئي.
ڪلچر مشن ميوزم جي هر حصي کي گهرائي سان ڏٺو جنهن ۾ ثقافتي هڪجهڙائيءَ وارو ڪارنر پڻ شامل هو.
جنهن ۾ صوبائي ۽ ملڪي سطح تي هڪجهڙائي واريون شيون رکيل آهن.





انهن اهو حصو پڻ وزٽ ڪيو جتي مختلف شيون رکيل هيون جنهن ۾ پراڻا ٿانوَ، پراڻا رانديڪا، ڪٽڪ جا داڻا، مهرون، زيور، آئينو، انساني ڍانچو، جانورن جا هڏا ۽ جنگي اوزار، پوکائيءَ جي استعمال لاءِ لوهه ۽ ٽرامي جا اوزار، ڏاند گاڏي، ڪنگ پريسٽ ۽ سمبارا جا مجسما ۽ ٻيون مختلف شيون جيڪي مختصر لکت سان رکيل هيون. مس ورجائين ورائٽ ماڻهن ۽ جانورن جي هڏن متعلق پڻ بحث ڪيو جيڪي ميوزم ۾ رکيل آهن. هن انهن رکيل شين متعلق سوال پڻ ڪيا جيئن هنن جي دريافت ۽ انهن جي تاريخ وغيره. مشن موهن جي دڙي جي تباهي ڪان پهريان اتان جي زميني حالتن ۽ حقيقتن بابت سوال پڻ ڪيا. موهن جي دڙي جي دوري بعد مشن رايو ڏنو ته تاريخي حوالي سان هي هڪ قديمي ماڳ آهي جنهن جي تهذيب تمام گهڻي شاهوڪار آهي جنهن بابت اسان هڪ سؤ سال پهريان ڪان ڄاڻون ٿا.

## ڳوٺ امام بخش ملاح ۾ ورڪشاپ ۾ شرڪت



موهن جي دڙي جي دوري  بعد مس ورجيني يارت سرگرم ڪارڪنن جي هڪ ورڪ شاپ ۾ شرڪت ڪئي، جيڪو عورت اڳواڻن ڳوٺ امام بخش ملاح ۾ منعقد ڪيو هو، جتي مختلف تنظيمن جي اڳواڻ عورتن شرڪت ڪئي.



جڏهن ته ايل ايس او "موهن جو دڙو" جي چيئرپرسن شمشاد خاتون پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪارڪردگي ۽ سڪسيس پروگرام تحت حاصل ڪيل مالي معاونت بابت آگاهه ڪيو ۽ پنهنجي تنظيم جي ڪارڪردگي پيش ڪئي. جنهن ۾ ڪميونٽي سطح تي ترقي جي يقين ڏياني پڻ ڪرائي وئي.

انهيءَ موقعي تي قمبر-شهداد ڪوٽ جي ناديه يورپين يونين جي هيڊ ڪوارٽر برسلز بيلجيم جي دوري بابت حاصل ڪيل تجربي ڪان سيني کي آگاهي ڏني ۽ چيو ته هوءَ ڪيئن ٻاهر اچي غربت جي خاتمي ۽ عورتن کي سگهارو ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ناديه چيو ته اهو سڀ تڏهن ممڪن ٿيو جڏهن هو متحد ۽ منظم ٿيون ۽ پاڙي جي تنظيم جو بنياد رکيو. ورڪشاب ۾ موجود اڳواڻ عورتن پنهنجون پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪم ۽ مشڪلاتن جن کي هو پنهنجي علائقي جي ترقي دوران منهن ڏنو، سيني کي آگاهه ڪيو. مس ورجائين وئرات ٻهراڙي جي عورتن سان مخاطب ٿي ۽ انهن لاءِ موقعن، قابليتن ۽ منظم عورتن جي سگهه بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي.



مس ورجيني اهو پڻ بحث ڪيو ته ثقافت کي گهريلو سطح تي ڪمائي جي ذريعي آمدني جو ذريعو ڪيئن بڻائي سگهجي ٿو.

ڪلچر مشن جي وفد ڳوٺ ۾ لڳل ثقافتي هنرن مان نهيل شين جو اسٽال پڻ ڏٺو. ۽ منظم عورتن جي تعريف پڻ ڪئي ۽ چيو ته هو آمدني جا ذريعا پيدا ڪرڻ ۽ ثقافتي شين جي پيداوار ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

# يورپين يونين جي وفد جو (PINS) پروجيڪٽ ايريا جو دورو ۽ ڳوٺاڻين عورتن سان ڳالھ ٻولھ

## PROGRAM FOR IMPROVED NUTRITION IN SINDH (PINS)

حامد مگسي
پروگرام مئنيجر PINS پروجيڪٽ

سنڌ حڪومت، يورپين يونين جي سهڪار سان (پروگرام فار امپرووڊ نيوٽريشن ان سنڌ) جي نالي سان حاملا ۽ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن ڪي کير پياريندڙ عورتن ۾ غذائي قلت ختم ڪرڻ لاءِ هڪ پرگرام هلي رهيو آهي. هن پروگرام جي بنيادي مقصدن مان هڪ مقصد پنجن سالن جي ٻارڙن مان غذائي کوٽ کي پورو ڪرڻ ۽ ڳورهاري عورتن کي مڪمل غذائيت مهيا ڪرڻ آهي. جڏهن تہ پروگرام جا جُزَ اِهي بہ آهن تہ ان منصوبي ۾ سنڌ حڪومت کان فني مدد ونجي تہ جيئن غذا جي پيداوار وڌائي سگهجي. شراڪت دارن سان گڏجي ڳوٺاڻي سطح تي خوراڪ ۽ صحت جي حوالي سان لاڳاپيل پاليسين تحت حڪمت عملي جوڙي سگهجي ۽ منصوبي تي عمل درآمد ڪندي تحقيق ۾ وڌيڪ اڳڀرائي حاصل ڪري سگهجي. جڏهن تہ PINS ER-III - Nutrition sensitive intervention تحت RSPN اڳواڻ تنظيم آهي جڏهن تہ TRDP, NRSP, ACF ۽ SRSO هن منصوبي تي عمل درآمد ڪرائي رهيون آهن.

سنڌ حڪومت غذائي قلت کي 2021 تائين 48 سيڪڙو کان 30 سيڪڙو تائين گهٽ ڪرڻ لاءِ ايڪسلريٽڊ ايڪشن پلان (AAP) Accelerated action plan نالي پروگرام پڻ شروع ڪيو آهي. هن پروگرام تحت سنڌ حڪومت جا صحت، تعليم، زراعت، سوشل ويلفيئر پاپوليشن، لائيو اسٽڪ ۽ فشريز وارا کاتا پڻ گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن.

سنڌ ۾ خوراڪ جي کوٽ کي پورائو ڪرڻ واري منصوبي تحت يورپين يونين جي هڪ اعليٰ سطح جي وفد ڊاڪٽر اُتي شُمِن (Team Leader) جي اڳواڻيءَ ۾ جان ايشلي (Nutrition-Sensitive Specialist)، زهره لڌاڻي (Nutrition Specific Specialist)، اتر سنڌ جي ٽن ضلعن قمبر-شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور جو دؤرو ڪيو.



دؤري جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻي سطح کان ضلعي سطح تائين خوراڪ جي واڌ ويجهه جي حوالي جائزو وٺڻ، سرڪاري آفيسرن سان ملاقاتون ڪري منصوبي جي حوالي سان معلومات ڏيڻ ۽ وٺڻ سان گڏ ٻين سرگرمين جو جائزو وٺڻ پڻ هو.

شڪارپور ۾ جان ايشلي (Nutrition-Sensitive Specialist)، زهره لڏاڻي (Nutrition Specific Specialist)، سرسو جي ضلعي مئنيجر شاهد احمد لاڪو ۽ ضلعي پروجيڪٽ آفيسر پروين مهر گڏ جي دورو ڪيو. دؤري دوران وفد ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جاويد انور شيخ، ڊاڪٽر سراج سهتو، ضلعي هيلٿ آفيسر سليم پيراڻي، نيوٽريشن فوڪل پرسن ڊاڪٽر حنيف سومرو، پي.پي.ايڇ.آءِ مئنيجر احمد بخش سومرو، لائيواسٽاڪ ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم سومرو ۽ ٻيا ڪيترائي جانورن جي ماهر ڊاڪٽرن سميت سيو دي چلڊرين جو سينيئر آفيسر حيدر علي، ليڊي هيلٿ ورڪرز، غذائيت جو



ماهر جان اشيلي، پنس پروجيڪٽ مئنيجر حامد مگسي ۽ ماهرا سومرو سان گڏجي لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن مهراڻ يونين ڪائونسل پرڪڻ جو دؤرو ڪيو. جتي وفد لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جي بورڊ ميمبرن سان ملاقات ڪئي ۽ زراعت، خوراڪ جي کوٽ ۽ ان جو پورائو ڪرڻ، مال مويشي سميت ٻين سرگرمين جي باري ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي گڏوگڏ منصوبي ۾ ايندڙ ڏکيائن ۽ ان جي حل لاءِ تجويزون ۽ رايا پڻ ورتا.

سرسو (PINS) قمبر-شهدادڪوٽ جي ٽيم جان ايشلي (Nutrition-Sensitive Specialist)، زهره لڏاڻي (Nutrition Specific Specialist). ايڊيشنل ڊپٽي ڊائريڪٽر، ڪمشنر - II سجاد حسين قادري، ڊسٽرڪٽ مئنيجر PPHI عبدالرحيم، ڊاڪٽر حفيظ، زراعت واري ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالرئوف مگسي، ڊاڪٽر حفيظ (نيوٽريشن فوڪل پرسن) گلزر حسين وٽنري آفيسر ۽ ٻين سان ملاقاتون ڪيون وفد سان سرسو ڊسٽرڪٽ مئنيجر اسد جتوئي پڻ گڏ هو.



ان دوران يونين ڪائونسل سطح تي صحت جي حوالي سان ڪنيل قدمن ۽ ڪاڌ خوراڪ جي صلاحيت کي وڌائڻ بابت جائزو ورتو ۽ پنهنجون تجويزون پڻ ڏنيون.

EU-PINS-ER1 جي وفد شڪارپور، قمبر- شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جو دورو غذائي کوٽ کي بهتر بڻائڻ، زميني حقيقتن کي سمجهڻ، ڳوٺاڻن مرد ۽ عورتن سان روبرو ملي ڪري تفصيل وٺڻ ۽ منصوبي تحت ڪين وڌ ۾ وڌ سهولتون مهيا ڪرڻ هو.

هن دوري جو هڪ مقصد اهو به هو ته مقامي سطح تي مشڪلاتن ۽ بهتر تجويزن کي حڪومت سطح تي نهندڙ نيوٽريشن پاليسي ۾ شامل ڪرائجي.

*

# ڪاروباري ترقياتي گروپ ”ارباب ميربحر“

ثريا آغا
پروڊڪشن انچارج CED سيڪٽر



ڪاروباري ترقياتي جو گروپ ”BDG ارباب ميربحر“ ڳوٺ ارباب ميربحر يونين ڪائونسل علي واهڻ تعلقو روهڙي ضلعي سکر جي هنرمند عورتن جو ڪاروباري ترقياتي جو گروپ 40 ميمبرن تي مشتمل آهي جنهن جي سربراهي حوران خاتون ڪري رهي آهي.

گروپ جي سربراهه حوران خاتون ٻڌايو ته ”سنڌ جي عام ڳوٺن جيان هٿ جو هنر اسان کي به پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ مليو. گهر ۽ ٻنيءَ واري ڪم کان پوءِ جيڪو وقت واندڪائيءَ ملندي هئي، تنهن وقت ۾ ڪا رِلهي ناهي وٺبي هئي يا ڪو پرت جو ڪم ڪيو ويندو هو. ڪي ضرورت مند غريب عورتون هٿ جي هنر وسيلي ناهيل شيون وڪڻنديون به هيون. پر ان جو ڪو خاص اجورو نه ملندو هو. جڏهن ته اڪثر اهڙو ڪم گهٽ بها ۾ يا اوڌر تي وڪڻيو ويندو هو. تنهن ڪري اسان جي ترجيح زمين ۾ ڪم ڪار ڪرڻ ڪي هوندي هئي. جڏهن ته زمين جو ڪم تمام گهڻو محنت طلب ڪم هئڻ سان گڏ گهر کان ٻاهر وڃي ڪرڻو پوندو هو. عورت مٿان گهر ۽ ٻارن جي زميواري سان گڏوگڏ زمين تي وڃي مزدوري ڪرڻ پڻ اهم ذميواري ۾ شامل هو. پوءِ هڪ ڏينهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ٽيم آئي، انهن پنهنجي پروگرام جو تعارف ڪرايو جنهن مان خبر پئي ته سرسو ادارو غربت گهٽائڻ ۽ معاشي بهتري لاءِ عورتن جو ڪاروباري ترقي جو گروپ ٺاهي.



انهن کي نت نيون تربيتون ڏئي، بازار جي گهرج مطابق انهن کان شيون ٺهرائي، وڪڻيون ويندون. جنهن جي وڪري جي ذميداري سرسو اداري جي ذمي هوندي. اهڙي ريت اسان آماده ٿياسين. اسان کي سرسو جي ڪم ڪرڻ جو انداز متاثر ڪيو. آخرڪار اسان سرسو سان سلهاڙجي وياسين ۽ اڄ ڏينهن تائين سرسو ٽيم جي سربراهي ۾ هٿ جي هنر جو ڪم جاري ۽ ساري آهي“.

گروپ جي سرگرم رڪن شبانه ٻڌايو ته ”چار سال پهريان مان سنڌ حڪومت ۽ سرسو پاران منعقد ٿيندڙ نمائشي ميلي ”سرتيون سنگ ڪرافٽس ايگزيبيشن“ ڪراچي ۾ صرف رلين جا ٿهه کڻي وئي هئس. پهريون ڀيرو ڪراچي ويس ته خوش به هئس ۽ پريشان به منهنجون ڪجهه رليون ان نمائش ۾ وڪرو ٿيون ۽ ڪجهه بچي پيون. بحرحال اهو منهنجي لاءِ تمام سٺو تجربو رهيو. سرسو جي ٽيم جي محنت ۽ اُتساهه سبب مان

حيدرآباد، ڪراچي ۽ اسلام آباد لوڪ ورثه ۾ پڻ پنهنجو اسٽال لڳايو. هاڻي ته اسان جي ڪم ۾ ڪافي جدت ۽ بهتري آئي آهي ۽ هاڻ اسان جو سامان ڪنهن به نمائش مان بچندو نه آهي. اهڙي نمائشي ميلن وسيلي معاشي معاونت سان گڏوگڏ ٻين جو ڪم ڏسڻ ۽ پيش ڪرڻ جي انداز جي سُڌ پڻ پوي ٿي ۽ اهڙي تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن جي ڳالهه ٻولهه وسيلي حوصلو وڌي ٿو ۽ ماڻهن پاران ڏيندڙ واکاڻ سبب اسان کي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو اُتساهه پڻ ملي ٿو".




گروپ ميمبر حاجران ٻڌايو ته "نمائشي ميلن ۾ اسان جي ڏنل وزيٽنگ ڪارڊ وسيلي ماڻهو موبائيل نمبر تي رابطو ڪري آرڊر پڻ ڏين ٿا. آرڊر پهچائڻ ۾ ۽ وڌيڪ رابطاڪاري ڪرڻ ۾، اسان جا مرد اسان جي مدد ڪن ٿا. هاڻي ڪم آسان ٿي پيو آهي. پهريان سموريون عورتون ڪنهن هڪ عورت کي شيون وڪڻڻ لاءِ ڏينديون هيون. پر اهو ڪم تمام ڏکيو هو. اجورو گهٽ ملڻ سان گڏوگڏ اوڏر جو رجحان تمام وڌيڪ هوندو هو".

هڪ ٻي گروپ ميمبر رخسانه ٻڌايو ته "گروپ جي هر ميمبر پنهنجي محنت آهر تمام گهڻو ڪمايو آهي. مان پنهنجو گهرُ هٿ جي هنر جي ڪمائي مان نهرايو آهي. ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا پنهنجي مڙس جو علاج پڻ هن ئي پورهئي مان ڪرائيندي آهيان".

نورجهان ٻڌايو ته "هن گروپ نهڻ ڪان پوءِ مون گهر جي لاءِ سولر پليٽون، پکا، لائيٽون ۽ بيٽري پڻ ورتي آهي. هٿ جي هنر وسيلي بهتر ڪمائي ٿي رهي آهي ۽ منهنجو گهر روشن رهي ٿو". گروپ ميمبر شبانه ٻڌايو ته "هن ڪاروباري گروپ سبب مون محنت ڪئي ۽ پورهئي مان پنهنجي مڙس کي موٽر سائيڪل وٺي ڏني آهي ۽ هڪ گهر جو ڪمرو نهرائڻ سان گڏ سولر سسٽم پڻ لڳرايو آهي".

هڪ ميمبر سائره پنهنجي باري ۾ ٻڌايو ته "مان غريب آهيان، ڪوئي ڪمائي وارو به نه آهي، اداري جي رهنمائي ۽ گروپ ميمبرن جي مدد سان مون هٿ جي هنر مان ڪمائي هڪ ٻڪري ورتي آهي".



زبيده ٻڌايو ته "مون پنهنجي ننڍي ڌيءَ جي شادي هٿ جي هنر جي ڪمائي مان ڪرائي ۽ کيس هڪ سونو سيٽ پڻ وٺي ڏنو".

ثمينه جيڪا هن گروپ جي سرگرم ميمبر آهي، تنهن ٻڌايو ته "مون هٿ جي هنر جي ڪمائي مان 50 هزار جو ڪپڙو خريد ڪيو آهي جيڪو ڳوٺ ۾ وڪڻندي آهيان، ان سان گڏ مون رِيل، ٻٽڻ، بڪرم وغيره پڻ وڪري لاءِ رکيو آهي. جنهن مان مون کي بهتر ڪمائي ٿي ٿئي. منهنجا ٻار پڻ اسڪول ۾ پڙهن ٿا".




هن ڪاروباري گروپ جي ميمبر فريده پڻ ٻڌايو تہ ’’مون بہ پنهنجي ڌيئرن جي شادي هٿ جي هنر جي ڪمائي مان ڪئي آهي‘‘ ۽ فرزانہ پڻ پنهنجي گهر جو ڪمرو هن هنر وسيلي ٺهرايو آهي. مطلب تہ هن گروپ جي ڪيترين ئي ميمبر آهن جن هٿ جي هنر جي ڪمائي جو بهتر استعمال ڪيو آهي.

هن ڪاروباري گروپ (BDG) سان سرسو کان علاوه ٻين ادارن جا پڻ رابطا آهن جنهن ۾ انڊس هيريٽيج، صبا پاڪستان لوڪل مارڪيٽ وغيره شامل آهن. تازوئي هن گروپ سان JICA جنهن جو تعلق جاپان سان آهي پڻ گڏجي ڪم شروع ڪيو آهي، اميد ڪجي ٿي تہ ان مان هي گروپ وڌي ترقي ڪندي بهتر ناڻو ڪمائيندو.

هن گروپ جي بنياد پوڻ کان پهريان عورتون رليون ٺاهينديون هيون ۽ سادو ٽوپو ڏينديون هيون. ۽ گروپ ٺهڻ کان پوءِ ۽ مختلف تربيتن، فيلڊ ٽيم جي رهنمائي بعد هاڻي هن گروپ جون ميمبر عورتون هرمچو، ٽڪ جو ڪم، رليون، ٽيبل رنر، ڪشن ڪور، پرس، موبائيل پائوچ، بيڊ شيٽون، ليپ ٽاپ ڪور، شولڊر بيگ، اپلاڪ ورڪ ۽ ڪٽا ورڪ جي ڪم ۾ مهارت رکن ٿيون، هن ڪم جا ڪين آرڊر بہ سٺا ملن ٿا، جنهن سبب هن گروپ جي ساليانی ۽ ماهوار تمام سٺي ٿي رهي آهي، گروپ ميمبرن جو چوڻ آهي تہ جڏهن بہ سرسو پاران ڪو وڏو ايگزيبيشن لڳندو آهي تہ اُتي اسان جي هٿ جو ٺاهيل سامان سٺو وڪرو ٿيندو آهي، جنهن مان هر ميمبر کي بهتر اجورو ملي ويندو آهي. هونئن تہ هن گروپ کي هٿ جي هنر جا ڪافي آرڊر ملندا رهن ٿا. هن گروپ جون مميبر عوروتن پُراميد آهن تہ مستقبل ۾ JICA سان ڪم ڪري پنهنجي مهارت وسيلي وڌيڪ بهتر ناڻو ڪمائي سگهنديون.



*

# سرگرم ڪارڪنن جي ڪميونٽي ڪانفرنس

**جمن**
ايچ.آر.ڊي آفيسر - سرسو ميرپورخاص




سرگرم ڪارڪنن جي ڪميونٽي ڪانفرنس-ڳوناٽي گڏجاڻي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ ”عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام“ تحت ضلعي ميرپورخاص جي تعلقي سنڌڙي، يونين ڪائونسل ڦلايون، ڳوٺ غريب آباد (پاڙو) ۾ منعقد ڪئي وئي.

هن ڪميونٽي ڪانفرنس ڳوناٽي گڏجاڻي جو مهمانِ خاص يونين ڪائونسل جو چيئرمين بابو لڇمڻ داس هو. جڏهن ته سماجي اڳواڻ سيٺ ماڌو مل، پريس ڪلب جو صدر اسد علي شر، سڪندڙ خاصخيلي، ڊسٽرڪٽ مئنيجر سرسو ذيشان علي پٽو، مانيٽرنگ آفسر انيتا لوهاڻا، پروگرام آفيسر ڪامران ڪوسو، سي.آءِ.ايف پروفيشنل بختاور ڪلهوڙو، پاڙي سطح جي تنظيمي ميمبرن ڪان علاوه ڳوناٽي تنظيمن غوثيه، امرت ۽ بشيرآباد جي اڳواڻن سميت 300 ڪان مٿي عورتن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ڪئي وئي انهيءَ موقعي تي هندو مذهب مطابق سڪيا وننڌڙ پوجا گايتري منتر جو ورد پڻ ڪيو.

ڪانفرنس جي مکيه مقصدن ۾ پرت جي سڪيا سينٽر جو افتتاح، بنا وياج جي قرض جا چيڪ ورهائڻ سان گڏ سلائي سڪيا جي پڄاڻيءَ جي تقريب شامل هئا.

سڀ ڪان پهريان آجياڻو پيش ڪندي سرسو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر ذيشان علي پٽو آيل سيني مهمانن ڪي ڀليڪار ڪئي ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ پروگرام جو تعارف ڪرائيندي چيو ته سنڌ حڪومت جي سهڪار

سان هلندڙ هن پروگرام کان پهريان شروعات 2009ع ۾ ضلعي شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ڪشمور-ڪنڌڪوٽ کان ٿي. جڏهن ته ساڳيو پروگرام سڪسيس (SUCCESS) جي نالي سان يورپين يونين جي مالي سهڪار سان 2016 ۾ ضلعي لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ شروع ڪيو ويو. هن وقت تائين لکين عورتون هن پروگرام مان فائدو حاصل ڪري چڪيون آهن. ۽ انهن پنهنجي غربت ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي آندي به آهي. ۽ هو مال مويشي پالڻ سان گڏ پنهنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار پڻ ڪري رهيون آهن.

هينئر هي پروگرام سنڌ جي ڇهن ضلعن ميرپورخاص، خيرپور، بدين، ٺٽو، سانگهڙ ۽ عمرڪوٽ ۾ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام هلي رهيو آهي. هن پروگرام جي مقصد ۾ شامل آهي ته سروي موجب غربت جي درجي هيٺ آيل غريب گهراڻن جي عورتن جون تنظيمون سي.او، وي. او ۽ ايل.ايس او جوڙي ڪين تنظيمي مالها ۾ مڙهي انهن عورتن کي هنري تربيتون، بناوياج جا قرض ۽ تمام غريب گهراڻن کي امداد سان گڏ سستي گهرن جون اسڪيمون ڏجن ته جيئن هو پنهنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪري هڪ خوشحال زندگي گذاري سگهن.

تنهن کان بعد يونين ڪائونسل چيئرمين بابو لڇمڻ داس ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت طرفان هلندڙ پروگرام مان اسين تمام گهڻو خوش آهيون. مون کي بي حد خوشي ان ڳالهه جي ٿي آهي ته ڀهراڙي جون عورتون جيڪي پنهنجي گهرن کان ٻاهر نه پئي نڪري سگهيون، اهي عورتون اڄ تنظيم سازي ذريعي پنهنجي ڳوٺن لاءِ ٿيندڙ اهم فيصلن ۾ حصو وٺي رهيون آهن. مان سرسو اداري جي ٽيم جو ٿورائتو آهيان جن هتي اهڙي قسم جو بهترين پروگرام شروع ڪيو آهي. ۽ مان اڄ هتي سلائي جي سکيا پوري ڪندڙ سيني عورتن کي پنهنجي طرفان سلائي مشينون ڏيڻ چاهيان ٿو. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي جڏهن هي عورتون پنهنجن گهرن ۾ وچي سلائي ڪري پنهنجي معاشي حالت کي بهتر ڪنديون.




انهيءَ موقعي تي سماجي شخصيت سيٺ ماڌو مل چيو ته سرسو ۽ حڪومت سنڌ جو مان شڪرگذار آهيان جنهن اسان جي علائقي ۾ هي پروگرام شروع ڪيو آهي. اميد آهي ته هن پروگرام تحت ڀهراڙيءَ جون غريب عورتون غربت مان ٻاهر نڪرنديون ۽ پنهنجا ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪنديون. هن موقعي تي سيڙپ ڪاري تحت قرض کڻندڙ سيني عورتن کان پنهنجي طرفان 500 سئو روپيا ڏيان ٿو ۽ ڳوٺاڻي تنظيم (VO) کي هر ماهه -/10,000 ڏهه هزار ڏيڻ جو اعلان ڪيان ٿو.

ان موقعي تي ڳوٺاڻي تنظيم امرت جي مئنيجر ڪويتا ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي ٽيم جي ٿورائتي آهيان جنهن اسان لاءِ هي پروگرام شروع ڪيو ۽ اڄ اسان سڀ عورتون منظم آهيون، پهريان اسان کي ڪا خبر نه هوندي هئي ته تنظيم ڇا ٿيندي آهي ۽ گڏجي ڪم ڪيئن ڪبو آهي. هن وقت اسين منظم ٿي هڪ تنظيم جوڙي آهي جنهن تحت اسين گڏجي ڳوٺ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهيون، جيڪا اسان لاءِ هڪ نئين ۽ بهترين ڳالهه آهي، ان سان اسان جي عزت ۽ مانُ به وڌيو آهي.

ڪانفرنس ۾ سکيا وٺندڙ پوڄا پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان نياڻين لاءِ هي پروگرام تمام بهترين آهي. مان پهرين گهر ۾ واندي هوندي هيس، گهر ۾ ائين پئي زندگي گذرندي هئي. پر هاڻ مون کي هڪ مقصد مليو آهي هڪ راهه ملي آهي جنهن ذريعي سان پنهنجي خاندان لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ٿي. مون سلائيءَ جي تربيت حاصل ڪئي آهي، هاڻ سلائي ڪري سنو ناڻو ڪمائي سگهان ٿي.

تنهن بعد ڳوناٽي تنظيم غوثيه جي مئنيجر مهرالنساء چيو ته اسان جي تنظيم ۾ ڪافي ميمبرن کي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (CIF) جي رقم ملي آهي جنهن مان اميد آهي ته هو ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪري پنهنجي خاندان جي ڪفالت ڪري سگهنديون. مان سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي نهايت ئي شڪرگذار آهيان جن اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. غريب عورتن جو هيءَ رقم ونڊ جو مقصد اهو آهي ته اسين پنهنجا گهريلو سطح تي ننڍا ڪاروبار شروع ڪيون ۽ صدين کان اسان وٽ پلجندڙ غربت مان پنهنجي جان آجي ڪرايون. سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي بهتر ڪارڪردگيءَ سان ئي اهو ممڪن ٿيو آهي جو اڄ اسين ٻهراڙيءَ جون عورتون هن ميڙاڪي ۾ توهان جي سامهون آهيون، توهان جو ساٿ رهيو ته اسان پنهنجي علائقي لاءِ گهڻوڪجهه ڪري ڏيکاريندين سين. ۽ اسان جي هميشه اها ڪوشش رهندي ته پنهنجي تنظيم کي مضبوط ڪيون چوته جيڪڏهن اسين منظم هونديون سين ته توهان به اسان وٽ ايندا ۽ اسان جا ڏک سور ٻڌندا ۽ اسان جي ٿوري کي گهڻي رهنمائي ۽ مدد ڪندا.

انهيءَ موقعي تي لڇمي ڳالهائيندي چيو ته هي اسان عورتن جو پروگرام آهي. اسان عورتن جو هتي نِڪرڻ ۽ ڳالهائڻ يقينن سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جو وڏي ڪاميابي آهي. اداري اسان کي تنظيمي صورت ۾ منظم ڪري مختلف تربيتي ڪورسَ ڪرائي اسان ۾ هڪ سجاڳي پيدا ڪئي آهي. اسان ٻهراڙيءَ جي عورتن ۾ هاڻ ايتري آگاهي ضرور آئي آهي ته اسين پنهنجون تنظيمون هلائي سگهون ٿيون، ان لاءِ حڪومت سنڌ ۽ سرسو جي ٽيم جي رهنمائي ضرور گهربل هوندي. اسين وري به شڪرگذار آهيون اداري جا جنهن اسان لاءِ هي پروگرام منعقد ڪيو ۽ اميد ٿي ڪجي ته آئينده به اهڙا ميڙاڪا لڳندا رهندا.






تنهن بعد يونين ڪائونسل چيئرمين طرفان سڪيا ونندڙ عورتن ۾ 21 سلائي مشينون ورهايون ويون ۽ 26 ميممبرن کي بنا وياج قرض جا چيڪ پڻ ڏنا ويا.

آخر ۾ سرسو جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر ذيشان علي پٿو عوام جي غربت گهٽائڻ واري پروگرام جي اهميت ۽ نتيجن تي روشني وڌي ۽ تقريب ۾ آيل سڀني معزز مهمانن جا ٿورا مڃيا. انهيءَ تي هيءَ ڪميونٽي ڪانفرنس واري تقريب پنهنجي پڇاڙيءَ تي پهتي.

*

# آزاديءَ جو ڏينهن

نديم حسين ملاح
اڪيڊمڪ ڪوآرڊينيٽر
USAID حب اسڪول سمي خيرپور

اسان جو پيارو وطن پاڪستان 14 آگسٽ 1947ع تي آزاد ٿيو. تنهن ڏينهن جي مناسبت سان اسان 14 آگسٽ کي آزاديءَ جي ڏهاڙي طور ملهائيندا آهيون. معاشري جو هر فرد هر طبقو هن ڏهاڙي کي ان عهد سان ملهائيندو آهي ته هو پاڪستان کي هن ڌرتي جي نقشي تي هڪ حقيقي فلاحي رياست بڻائيندا.

ان خاص ڏهاڙي تي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران هلندڙ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر ۽ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سَمي خيرپور طرفان هن ڏهاڙي جي اهميت بابت شاندار پروگرام منقعد ڪيا ويا.

## گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول نمائش ڪالوني سکر

گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول نمائش ڪالوني جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو ۽ پروگرام مئنيجر يو.ايس.ايڊ حب اسڪولز پروجيڪٽ اڪرم شيخ جو گرم جوشيءَ سان استقبال ڪيو.



پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، تنهن بعد شاگردياڻين آزاديءَ جي ڏهاڙي جي مناسبت سان اردو، سنڌي ۽ انگريزي ۾ تقريرون ڪيون ۽ خوب داد ۽ انعام پڻ حاصل ڪيا. انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي شاگردياڻين آزاديءَ جي مناسبت سان خاڪا ۽ ملي نغمن تي پرفام پڻ ڪيو. شرڪت ڪندڙ تاڙين جي گلابن سان ڪين خوب داد ڏنو. جڏهن ته سنو پرفارم ڪرڻ تي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعام پڻ ڏنا ويا.

انهيءَ موقعي تي اڪرم شيخ تقريب کي خطاب ڪيو ۽ ملڪ جي آزادي جو بنياد رکندڙ شخصيتن کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته 1857 کان پوءِ "آزادي جي جنگ" جي ابتدا ٿي. سر سيد احمد خان برصغير جي اهم شخصيت هو. جنهن مسلمانن لاءِ ڏينهن رات محنت ڪئي ۽ علي گڙهه ڪاليج قائم ڪئي. انهيءَ جهدوجهد کي ياد ڪندي هر سال هي ڏينهن ملهايو ويندو آهي، اڄوڪو هي پروگرام به انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي خوشي ٿي آهي ٻارن ۾ ٽيلينٽ آهي ۽ هنن سنو پرفارم



ڪيو آهي.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو تقريب کي خطاب ڪندي 14 آگسٽ آزادي جي ڏينهن تي روشني وڌي ۽ چيو تہ اسڪول انتظاميہ کي جسُ هجي جن هي شاندار پروگرام منعقد ڪيو ۽ شاگردن کي پنهنجون صلاحيتون نمايان ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هن يقين ڏهاني ڪرائي تہ سيپٽمبر تائين رهيل استادن جون برتيون پڻ ڪيون ويندون جنهن سان وڏندڙ داخلا وارو مسئلو بہ حل ٿي ويندو. هن چيو تہ سرسو اداري اندر ڪيترائي پروجيڪٽ هلي رهيا آهن. پر تعليم واري پروجيڪٽس سان منهنجو دلي لڳاءُ آهي. مان هن اسڪول جي شاگرد ۽ شاگرديائڻين کي ڪاميابيءَ سان سالياني امتحان پاس ڪندي ڏسڻ چاهيان ٿو. جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ ان جو مطلب اهو هوندو تہ سرسو ۽ سرڪاري استادن ڀرپور محنت ڪئي آهي ۽ شاگردن کي معياري تعليم ڏني آهي.

### گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سٽمي خيرپور

14 آگسٽ جي پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي. نائين درجي جي شاگرد حسين بخش پٽو کي تلاوت لاءِ گهرايو ويو. تنهن بعد ڪلاس ڏهين جي شاگرد عبدالقادر سومرو حمد شريف پڙهيو. تلاوت ۽ حمد بعد قومي تراني کي سمورن شرڪت ڪندڙن احترامن اُٿي ٻيهي ٻڌو.

تنهن بعد هيڊ ماستر گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول محمد خان کي اسٽيج تي گهرايو ويو. جنهن تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ آءُ مانائتن مهمانن کي اڄوڪي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ تي ڀليڪار چوان ٿو ۽ سندن شرڪت ڪرڻ تي ٿورائتو آهيان.

سهتي صاحب چيو تہ اڄوڪي پاڪستان جي 71 هين آزادي جي ڏهاڙي جي مناسبت سان منعقد ڪئي وئي آهي. جيئن تہ هي هڪ اهم ڏهاڙو آهي. برطانيہ جي ڊگهي غلامي بعد قائد اعظم محمد علي جناح جي سخت جدوجهد ڪان پوءِ اسان جو پيارو وطن آزاد ٿيو. هن چيو تہ اڄوڪي ڏهاڙي ملهائڻ جو اهو بہ مقصد آهي تہ شاگردن کي ٻڌائجي تہ ان بدترين غلامي خلاف اسان جا قومي هيرو ڪيئن وڙهيا ۽ آزادي ماڻي. ٻيو تہ معياري تعليم کي برقرار رکندي غيرنصابي سرگرمين کي پڻ هٿي ڏني وڃي.

سرسو اڪيڊمڪ ڪوآرڊينيٽر نديم حسين ملاح تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ سرسو انتظاميہ ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ معياري تعليم جي بهتري لاءِ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ استاد ڀرتي ڪيا، جنهن ۾ انگريزي، ميٿ، ڪيمسٽري، فزڪس، بايولاجي ۽ ڪمپيوٽر سائنس شامل آهن. هن چيو تہ بجلي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ سرسو هن اسڪول بلڊنگ ۾ سولر سسٽم لڳرائڻ جي عمل کي شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪمپيوٽر ليب، سائنس ليب جي جلد قائم ڪري، سائنسي ۽ تجرباتي تعليم پڻ ڏني ويندي. نديم حسين سمورن شرڪت ڪندڙن جو دل سان شڪريو ادا ڪيو. جڏهن تہ آزادي جي ڏهاڙي جي مناسبت سان نعت، حمد، تقريرن، سوال جوابن، ٽيبلوز ۽ ڊرائنگ جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا. حصو وٺندڙ جي حوصلاافزائي ڪندي ڪين انعام پڻ ڏنا ويا.

شاگردن جي پرفارمنس بعد معزز مهمانن کي پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ واري واري سان اسٽيج تہ گهرايو ويو.

محترم نظير احمد پنيرو (هيڊ ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول سڳيون) پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ سرسو جون ڪوششون واکاڻ لائق آهن. جڏهن تہ تعليمي نصاب ۾ تبديلي جي سخت ضرورت آهي. پر افسوس اسان اڄان تائين پراڻو نصاب پڙهائي رهيا آهيون. جڏهن تہ نصاب کي جديد دؤر جي تقاضائن موجب تبديلي ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

سيد سوڀارو شاهہ (پريزيڊنٽ گسٽا ضلعو خيرپور) ڳالهائيندي چيو تہ هن قسم جا پروگرام شاگردن جي حوصلاافزائي لاءِ منعقد ٿيندا رهن. هي تمام بهترين ڪوشش آهي، ان سان گڏ ٻيا تفريحي پروگرام بہ شاگردن جي همت افزائي لاءِ ٿيڻ گهرجن.

محمد پريل (چيئرمين ايس.ايم.سي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول) پروگرام جي ساراهه ڪئي ۽ اسڪول جي بهتري لاءِ ايس.ايم.سي چيئرمين جي حيثيت سان مڪمل سهڪار ڪرڻ بابت يقين ڏهاني ڪرائي.











اڪرم شيخ (پروگرام مئنيجر USAID حب اسڪولز پروجيڪٽ) پنهنجي تقريب ۾ چيو ته اسان پنهنجي مقصد جي ابتدا ۾ آهيون. شاگردن ۾ حوصلاافزائي لاءِ، والدين ۽ ڪميونٽي ۾ سنجيدگي پيدا ڪرڻ لاءِ خاص ڏينهن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سرسو هڪ وسيع نظام تيار ڪرڻ ۾ مصروف آهي. جنهن ذريعي ماهوار ۽ ٽرمينل ٽيسٽون ورتيون وينديون، نصابي تعليم کي جاچڻ لاءِ ۽ اُوٽائين کي درست ڪرڻ لاءِ مختلف مشڪلاتن جي باوجود سرسو معياري تعليم ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته USAID بين الاقوامي سطح جي معيار تي اسڪول جي عمارت نهرائي ڏني آهي جيڪا جديد سهولتن سان واڳيل آهي. هاڻي اهو اسان جو فرض ٿئي ٿو ته اسان هن عمارت جي مالڪي ڪيون.

پروگرام جي مهمان خاص محترم رياض حسين وساڻ ADC-II خيرپور شاگردن جي پرفارمنس جي تعريف ڪئي ۽ سرسو مئنيجمينٽ پاران اسڪول ۾ اهڙي قسم جي سرگرميءَ جو بندوبست ڪرڻ تي پڻ واڪاڻ ڪئي.

هر قوم ۽ ملڪ جو بنياد تعليم تي هوندو آهي ۽ ڪا به قوم بغير تعليم جي ترقي نٿي ڪري سگهي. تنهنڪري اسان کي سخت محنت ڪرڻي پوندي. چو ته اسان جي اسڪولن جو نظام ڏاڍو خراب آهي. اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن اسان وڏ ڪان وڏ ڪوشش ونداسي. هر سطح ڪميونٽي تحرڪ وسيلي ۽ سماجي سرگرمين ذريعي جيئن اسان پنهنجا حدف حاصل ڪري سگهون.

وساڻ صاحب قومي ۽ بين الاقوامي سطح جي شخصيتن جا مثال ٻڌايا جن پنهنجي ملڪ جي خوشحالي لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪيون ۽ پنهنجي پرعزم ارادن سان ڪامياب ٿيا.

هن نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم، حضرت امام حسين، نيلسن منڊيلا، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ پير پاڳاري صاحب جا مثال شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايا.

آخر ۾ محترم رياض حسين وساڻ اسڪول ۾ هڪ ٻوٽو پوکيو ان پيغام سان ته اچو ته پنهنجي وطن کي سرسبز ڪريون. انهيءَ تي هيءَ تقريب پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتي.

*

# جانورن جو عالمي ڏينهن

زاهد علي شيخ
پروگرام آفيسر MER ريجن II

سموري دنيا ۾ 4 آڪٽوبر جانورن جي عالمي ڏهاڙي طور ملهايو ويندو آهي. سڀ کان پهرين هن ڏينهن کي ملهائڻ جو خيال جرمني جي هڪ ليکڪ "هنئرڪ زمرمن" کي آيو هو. هن اهو خيال ڪري هڪڙو رسالو بہ جانورن جي لاءِ ڪڍندو هو جنهن جو نالو هن "مين اينڊ ڊاگ "رکيو. 24 مارچ 1925ع تي برلن ۾ پهرين ورلڊ اينيمل ڊي ملهائڻ جو انتظام ڪيو ويو. جنهن ۾ 5000 کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي. ان کي ڏسي بعد ۾ هر سال 4 آڪٽوبر تي هي ڏينهن ملهائجڻ لڳو. آخرڪار، مئي 1931ع تي بين الاقوامي جانورن جي تحفظ ڪانگريس فلورنس اٽلي ۾ هن ڏينهن 4 آڪٽوبر کي جانورن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جي تجويز اتفاق راءِ سان هڪ قرارداد وسيلي منظور ڪئي وئي. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد جانورن بابت معلومات ۽ انهن جي ختم ٿيندڙ نسلن جو خيال رکڻ انهن جي پالنا ۽ حفاظت بابت سجاڳي ڦهلائڻ سان گڏ جانورن جي اهميت ۽ انهن جي حقن جو احساس ڏيارڻ آهي.




جانورن جي عالمي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ مختلف ضلعن سکر، شڪارپور، قمبر-شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ سرسو ۽ بروڪ انٽرنيشنل ’گڏجي گڏام جانورن جي فلاح جو پروجيڪٽ‘ هيٺ هي ڏينهن هر سال باقاعدگيءَ ملهايو ويندو آهي. جنهن ۾ ريليون ڪڍي، سيمينار منعقد ڪري جانورن جي فلاح بابت آگاهي ڏني ويندي آهي. انهن جاڳرتا سرگرمين ۾ Live Stock کاتي جو ضلعي عملو، ضلعي انتظاميہ، عام ماڻهو، جانورن جا مالڪ ۽ ميڊيا جي نمائندن جي شرڪت شامل هوندي آهي.

ان مناسبت سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - سرسو ضلعي آفيس روهڙي ۾ 4 آڪٽوبر 2019ع تي جانورن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو. جنهن ۾ محترم فريد احمد ميمڻ (ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ) محترم منير احمد (ايڊيشنل ڊائريڪٽر وٽنري) محترم جاويد احمد (صدر پريس ڪلب روهڙي)، گورنمينٽ وٽنري ڊاڪٽرس: ڊاڪٽر ذوالفقار مغل، ڊاڪٽر مظفر ملڪ، ڊاڪٽر عبدالفتاح چوهاڻ، ڊاڪٽر مختيار نوناري، ڊاڪٽر دوست محمد ڪلهوڙو، محترمہ نسرين نوناري (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سکر)، ڊاڪٽر شاهد احمد لاکو (فوڪل پرسن سرسو بروڪ پروجيڪٽ)، ڊاڪٽر سراج احمد (ڊاڪٽر بروڪ پروجيڪٽ سرسو سکر) کان علاوه ڳوٺاڻي تنظيمي ميمبرن مرد ۽ عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

پروگرام جي شروعات تلاوتِ ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. تنهن کان پوءِ آيل سڀني مهمان کي ڀليڪار ڪندي محترمہ نسرين نوناري (ڊسٽرڪٽ مئنيجر سکر) ٻڌايو ”جيئن تہ سرسو سنڌ جي 15 ضلعن اندر غربت جي خاتمي لاءِ سنڌ حڪومت سان گڏجي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ ڪامياب پروجيڪٽ هليا آهن ۽ ڪيترائي هلي رهيا آهن. ان کان

علاوه سرسو صحت، خوارڪ، ذريعہ معاش، تعليم، عورتن، ٻارن ۽ بزرگن جي حقن لاءِ پڻ پروجيڪٽ هلائي چڪي آهي ۽ ڪي پروجيڪٽ پنهنجي حدف طرف روان دوان آهن. جڏهن تہ سرسو گذريل 10 سال بروڪ انٽر نيشنل سان سلهاڙجي جانورن جي فلاح لاءِ پروجيڪٽ عمل ۾ آڻي رهي آهي. جيڪو پروجيڪٽ ملڪ اندر الڳ نوعيت جو پروجيڪٽ آهي، جنهن تحت گگدام جانورن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ٽيم جون ڀرپور ڪوششون تعريف جي لائق آهن''.

تنهن بعد ڊاڪٽر سراج احمد (بروڪ پروجيڪٽ سرسو سکر) بروڪ پروجيڪٽ جو تعارف ڪرايو تہ ''سرسو بروڪ انٽرنيشنل سان ملي ڪري جانورن جي فلاح جو پروجيڪٽ: ٻنن تي ڪم ڪندڙ جانورن جي مالڪن ۽ گڏهہ گاڏو هلائيندڙ مالڪن ۽ ڪميونٽي سطح تي موجود گڏهن جي مالڪن جون ڪاميٽيون جوڙي انهن سان گڏهن لاءِ پاڻي جا حوض ۽ ڇپرا ناهيا ويا آهن، سنج ناهيندڙ ۽ کُر ناهيندڙن کي پڻ تربيتون ڏنيون ويون آهن. جڏهن تہ هنگامي علاج بيمار پڻ مهيا ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ اڄوڪو پروگرام جانورن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان رٿيو ويو آهي. جنهن جو مقصد هر ماڻهو خاص طور تي جانورن سان وابستگي رکندڙن ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي. تہ جيئن هر اهو ماڻهو جيڪو جانور ڌاري ٿو اهو جانورن جي بهتر سارسنڀال ڪري، خاص طور تي ڪمائيندڙ جانورن (گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن) سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. چو تہ هي جانور اسان جي روزگار جو ذريعو پڻ آهن. جانور صحتمند هوندا تہ روزگار بہ بهتر ٿي سگهندو.''

ڊاڪٽر شاهد احمد لاکو (فوڪل پرسن سرسو بروڪ پروجيڪٽ) تقريب کي خطاب ڪندي چيو: ''سرسو ۽ بروڪ انٽرنيشنل جانورن جي فلاح وارو پروجيڪٽ گذريل ڏهاڪي کان سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، قمبر-شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ۾ گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن (Working Animals) جي ڀلائي لاءِ ڪاميابي سان جاري آهي. جنهن جا نتيجا مطمئين ڪندڙ حاصل ٿيا آهن. مالڪن جو رويو هاڻي جانورن سان دوستاڻو آهي. اڄ جانورن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ پڻ ان پروجيڪٽ جي اهم سرگرمي آهي. جنهن جو مقصد جانورن جي پالنا، تحفظ ۽ حقن جو احساس ڏيارڻ ۽ سجاڳي ڦهلائڻ آهي''

گورنمينٽ وٽنري ڊاڪٽر ذوالفقار مغل تقريب کي خطاب ڪندي چيو: '' سرسو پاران گڏهن، گهوڙن ۽ خچرن جي ڀلائي جو پروگرام واقعي ڪنهن انقلاب کان گهٽ ناهي. چو تہ اسان جي علائقي ۾ جانورن جي فلاح بابت جاڳرتا



جي اهم ضرورت آهي. جڏهن ته اڄوڪو ڏينهن پڻ سمورن جانورن جي فلاح بابت سجاڳي ڦهلائڻ جو ذريعو آهي. مان هن پروگرام وسيلي سمورن شرڪت ڪندڙن کي گذارش ٿو ڪريان ته جانورن جو وڌ کان وڌ خيال ڪريو ڇو ته هو بي زبان آهن پنهنجي تڪليف جو اظهار نه ٿا ڪري سگهن. اهو اسان تي عائد ٿئي ٿو ته انهن جي ڀلائي ڪري، انهن جي اهنجن کي گهٽايون، جيڪو يقينن اسان لاءِ به فائيديمند ثابت ٿيندو.




تنهن بعد محترم منير احمد (ايڊيشنل ڊائريڪٽر وٽنري) ڳالهائيندي چيو ته سرسو جو هي جانورن جي فلاح وارو پروجيڪٽ تمام سٺو ڪم ڪري رهيو آهي، اڄڪلهه جي دور ۾ جتي انسان، انسان جي سارَ نٿو لهي اُتي هي پروجيڪٽ ٽيم جانورن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري پئي اها اتساهيندڙ ڳالهه آهي. شاباس هجي سرسو جي ٽيم کي جيڪي گرميءَ سرديءَ ۾ جهر جهنگ، چونڪ چونڪ، ٻنن ۾ ڪين جتي به خبر پوي ٿي ته هِتي جانورن جي اچ وڃ گهٽي آهي، اُتي وڃي پهچن ٿا ۽ جي ڪو جانور بيمار آهي ته هو ان جو مفت علاج ڪن ٿا ۽ جانور جي مالڪ کي پڻ تاڪيد ڪن ٿا ته هو جانورن جو خيال رکن، سچ ته اها وڏي ڳالهه آهي.

ان موقعي تي مهمان خاص محترم فريد احمد ميمڻ (ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيواسٽاڪ) ڳالهائيندي چيو ته ڳڌهه گهوڙا ۽ خچر جيڪي ڪنهن حد تائين انسانن جي ذريعي معاش جو سبب بڻجن ٿا. انهيءَ لاءِ اسان کي گهرجي ته هنن بي زبان جانورن جو خيال رکون، ڪين گرميءَ ۾ پاڻي گهڻو پياريون ۽ بيهارڻ مهل ڪين اُس کان بچايون ۽ جي جانور بيمار ٿي پون ته ان جو وقت سر علاج ڪرايون. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي رهي آهي ته سرسو جانورن جي فلاح ۽ ڀهبود لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا تمام بهتر ۽ وڏي ڳالهه آهي ڪين جسُ هجي.

آخر ۾ پنڊال کان تعلقا پريس ڪلب روهڙي تائين جانورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ عورتون، مرد شامل ٿي جانورن جي فلاح متعلق مختلف پيغام پلي ڪارڊ، بينرس وسيلي عوامي سجاڳي لاءِ استعمال ڪيا.

*

# ڪلسٽر اسڪول: معياري تعليم لاءِ منفرد ماڊل اسڪول

لطف علي چانڊيو
هيڊ ٽيچر
گورنمينٽ ڪميونٽي ڪلسٽر اسڪول
ڳڙهي صاحب خان ضلعو شڪارپور

الله تعاليٰ انسان ۾ صلاحيتون رکيون آهن، جنهن مان جيڪڏهن هڪ بہ حاصل ٿي وڃي تہ معاشري ۾ بامقصد، بامعنيٰ ۽ باعزت زندگي گذاري سگهجي ٿي.

چوندا آهن تہ علم انسان جي ٿئين اک آهي ۽ علم انسان کي زمين تان کڻي آسمان جي بلندين تائين پهچائي سگهي ٿو. علم لازوال دولت آهي، جيڪڏهن ڪو انهيءَ دولت کي حاصل ڪري ٿو تہ اهو انسان وڏو خوش نصيب سڏجي ٿو. الله تعاليٰ انبياء ڪرام ۽ امامن سڳورن کي تڏهن موڪليو جڏهن ڪا قومَ ڪو معاشرو مختلف براين ۾ وڪوڙجي ويندي هئي. انهن براين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انهن علم کي پنهنجو هٿيار بڻايو ۽ جڏهن ڪا قومَ ڪو معاشرو علم کان واقف ٿي ويندو هو تہ انهن منجهان برايون ۽ خرابيون ختم ٿي ويندريون هيون. علم جيڪو قومن کي خوشحال، شاد و آباد ۽ سرسبز رکي ٿو. علم جيڪو سجاڳيءَ جو ڪارڻ پڻ آهي ۽ علم هڪ اهڙو ڏيئو آهي جيڪو اونده ۾ روشني پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي. علم ٻن قسمن جا ٿين ٿا هڪ ديني ۽ ٻيو دُنياوي ، ديني علم انسان کي آخرت سنوارڻ جو سبب پڻ آهي. جڏهن تہ دُنياوي علم زندگي کي ڪامياب بڻائڻ جو ڪارڻ آهي، انسان لاءِ ٻئي علم لازم و ملزوم آهن.

اميدن تي ڏڪارو ڏيھ پيو هلي ۽ سنڌ ۾ ڪجھ اهڙا ادارا بہ آهن جن غربت گھٽائڻ سان گڏ معياري تعليمي ادارا قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جو واحد ادارو آهي جنهن غربت گھٽائڻ ۽ تعليمي ميدان ۾ هڪ سگهارو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. سرسو - سنڌ حڪومت CDP جي تعاون سان ڪلسٽر اسڪولن جو وجود آندو. جهڙي ريت وڏن شهرن ۾ بيڪن هائوسز يا ايجوڪيٽرس تعليمي



ادارا هلن پيا، اهڙي ريت پنتي پيل علائقن جهڙوڪ: شڪارپور ضلعي جي ڳوٺن عبدالله ٻرڙو، سهراب پهوڙ، قابالو، لڌو خان مهر، ڳڙهي صاحب خان ۽ ضلعي ڪنڌڪوٽ ايٽ ڪشمور جي ڳوٺن شهزادو ٻهلڪاٽي، رسول آباد، شير محمد ايٽ ڪندو خان ۽ بهادر ڪوسو ۾ ڪلسٽر اسڪول جو قيام باعث فخر جي ڳالهه آهي. هنن ڪلسٽر اسڪولن جو Vision تعليم يافته معاشرو، پڙهيل لکيل مرد ۽ عورت ۽ معاشرتي ڪمن ۾ مدد ڪرڻ آهي.




ڪلسٽر اسڪول اهڙن ڳوٺن ۾ کلڻ جتي ٻار پنجن درجن کان وڌيڪ لکي پڙهي ڪونه پيا سگهن ۽ ائين ڪٽي چئجي ته هنن ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ ماڻهو پٽن کي پڙهائڻ ۾ وڌيڪ ترجيح ڏيندا هيا. ۽ نياڻين کي تعليم ڏيارن ئي ڪونه ۽ جتي جا ماڻهو قبائلي جهيڙن ۽ ٻين سماجي برائين ۾ مبتلا هجن انهن علائقن ۾ نياڻين جي تعليم لاءِ ڪلسٽر اسڪولن جو کلڻ يقينن ڪنهن معجزي کان گهٽ ڪونه آهي.

ڪلسٽر اسڪولن کان اڳ انهن ڳوٺن ۾ تعليم جو ڪوبه رجحان قدر و قيمت، پنهنجن رشتن جو تقدس ئي ڪونه هيو، ۽ جڏهن اتي ڪلسٽر اسڪول کليا ته اتان جا ٻار ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا تعليم کان واقف، رشتن جو تقدس، انسانيت جو مانُ و مرتبو ۽ شان و شوڪت ۽ پنهنجي والدين جي خدمت چاڪري ۾ مصروف نظر اچن ٿا.

سرسو پاران IBA سکر جهڙي اداري ذريعي اميدوارن جي انٽرويو ۽ ٽيسٽ ذريعي استادن جي چونڊ ڪئي وئي ۽ اڄ ڪلسٽر اسڪولن جا استاد شاگردن کي معياري تعليم ۽ شعوري سگهه ڏين پيا ته جيئن اهي معاشري ۾ پيل ٻڇڙاين ۽ برائين کي علم وسيلي صاف ڪري هڪ بهتر ۽ صاف سٿرو معاشرو ٺاهڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿين.




هاڻ تہ ٻهراڙي ۾ هلندڙ ڪلسٽر اسڪولن جا ٻارڙا جيڪي اڻ پڑهيل هئا جن کي پهريان کو شعور ڪا سوچ سمجهہ ٻنهہ ڪان هئي. اڄ اهي ٻارڙا اسٽيج تي انگريزي ۽ اردو ۾ تقريرون ڪرڻ، ٽيبلوز ۽ خاڪا پيش ڪرڻ ۾ اڳيرا آهن.

ڪلسٽر اسڪول ۾ پڑهندڙ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي سونهري مستقبل کي ڏسندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهن، سندن اکين ۾ هڪ خواب آهي تہ هو ڪاميابي ماڻي پنهنجي ڳوٺ ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندا. هي ٻارڙا تہ تعليم پرائي رهيا آهن گڏوگڏ هاڻي ماڻهو سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي ساراهہ ڪندي ڪونہ ٿا ٿڪجن، ڇو تہ ڪلسٽر اسڪول هڪ اهڙو تصور آهي جنهن وسيلي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، گهٽي گهٽي ۽ نگر نگر ۾ تعليمي معيار اجاگر ڪرڻ ۽ منزلون حاصل ڪرڻ آهي.



ڪلسٽر اسڪول شروع ٿيڻ ڪان پوءِ هر غريب هاري ناريءَ جون نياڻيون تعليم پرائي رهيون آهن. ۽ هاڻ اڪثر ڳوٺاڻن جي اها راءِ آهي تہ جيڪر اسان جي سنڌ جي هر ضلعي، هر تعلقي ۽ هر يوسي ۾ اهڙا ادارا قائم ڪجن تہ اهو ڏينهن پري ڪونہ هوندو جنهن ڏينهن اسان جي قوم ٻين قومن سان تعليمي ميدان ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندي.

*

# سجاول کان برسلز تائين جو سفر

رحيم بخش ابڙو
سوشل آرگنائيزر
سرسو - سڪسيس شهدادڪوٽ




نادیہ جوٽيجو جو تعلق ڳوٺ جوٽيجا جي هڪ غريب گهراڻي سان آهي. تعلقي سجاول جو هي انتهائي پٺتي پيل علائقو آهي. جتي نادیہ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوناڻي اسڪول مان حاصل ڪئي. هوءَ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهي ڇو تہ هن علائقي ۾ ڇوڪرين جي تعليم تي مائٽن ۽ برادري جي پراڻين ريتن ۽ رواجن جا بند ٻڌل هئا. ان سبب نادیہ وڌيڪ تعليم پرائڻ کان رهجي وئي. پر نادیہ جي دل اندر علم حاصل ڪرڻ واري آس ختم نہ ٿي ۽ ڪيس اڪثر عورتن سان ٿيندڙ ٻيائي وارو سماجي رويو پريشان ڪندو هو ۽ هوءَ ان معاشرتي مت ڀيد کي ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده هئي. ننڍپڻ ۾ هو اڪثر سوچيندي هئي جيڪڏهن ڪيس ڪڏهن موقعو مليو تہ هوءَ مٽن مائٽن ۽ برادري وارن جي اڳيان اهو ثابت ضرور ڪندي تہ جيڪڏهن عورت کي موقعو ڏنو وڃي تہ هو مردن جيان سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿي.

نادیہ پوليو سبب هڪ جنگهہ کان معذور پڻ ٿي. خير نادیہ ڇوڪري مان عورت ٿي تہ سندس وهانءُ ٿيو پر سندس خواب اڃان تائين ساڳي جوهر سان موجود هو. پر هن کي ڪجھ ڪري ڏيکارڻ جو موقعو نہ پئي مليو. جڏهن هن علائقي ۾ يورپين يونين جي مالي سهڪار ۽ سنڌ گورنمينٽ جي تعاون سان سرسو اداري کي لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهداد ڪوٽ ضلعن لاءِ سڪسيس جي نالي سان پروگرام مليو. جنهن ۾ عورتن کي منظم ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت تنظيمون هلائڻيون هيون، جنهن ۾ سرسو ادارو انهن تنظيمن جي اڳواڻن جون سڪيائون ڪرائڻ انهن تنظيمن

کي گورنمينٽ وٽ رجسٽرڊ ڪرائڻ ۽ انهن تنظيمن کي هلائڻ لاءِ امداد ڏيڻ هو. اهڙي قسم جي سڪسيس پروگرام جي شروعات جڏهن سجاول جي ڳوٺ جوٽيجه ۾ ٿي ته ڳوناٺين عورتن تنظيمون ناهڻ ۽ منظم ٿيڻ کان انڪار ڪندي چيو ته ’’اسان جا پاڻ ۾ گهڻا اختلاف آهن. جنهن ڪري پنهنجي ڏئي اسان هڪ جڳهه تي ويهي نه ٿي سگهون‘‘. اهڙي پروگرام جي خبر جڏهن ناديه کي پئي ته هوءَ ڳوٺ کان واپس ويندڙ ٽيم سان ڏيڍ ڪلو ميٽر پري هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ وڃي ملڻ جو فيصلو ڪيو.

ناديه جڏهن سڪسيس ٽيم سان وڃي ملي ته هن ٽيم کان پروگرام متعلق ڪيترائي سوال ڪيا سيئي جوابَ ملڻ ڪانپوءِ جڏهن ناديه واپس وري ته هن جي چهري تي مسڪراهٽ هئي جو ته ڪيس پنهنجو ورهين کان سانديل خواب جا اولڙا سڪسيس پروگرام ۾ نظر پئي آيا. واپسي تي هوءَ پنهنجي ڳوٺ جي گهر گهر وئي عورتن سان هن ملاقاتون ڪيون ۽ عورتن کي قائل ڪيو ته هو پنهنجا ننڍا ننڍا اختلاف وساري هڪ هنڌ گڏ ٿين ته انهن جا تمام مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. ناديه جي محنت رنگ لاتو ۽ ڳوٺ جي تمام عورتن کي هڪ جڳهه تي ويهڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. هن سرسو جي ٽيم سان رابطو ڪري کين ٻيهر ڳوٺ اچڻ لاءِ چيو. ۽ اهو ڏينهن اچي ويو جڏهن ڳوٺ جون تمام عورتون هڪ جڳهه تي گڏ ٿيون ۽ وڏي سڪون سان سڪسيس پروگرام جو تعارف ٻڌو ۽ ان کي سمجهيو. تعارف ڪانپوءِ تمام عورتن منظم ٿيڻ تي راضپو ظاهر ڪيو ۽ تنظيم سازي لاءِ سرسو ٽيم کي ٻئي ڏينهن تي وري اچڻ لاءِ چيو.

نيٺ ناديه جي مسلسل محنت ۽ ڳوناٺين عورتن سان همدردي پنهنجو اثر ڏيکاريو ۽ سالن کان اختلافن جي ور چڙهيل ڳوٺ ۾ هڪ نئون سِج اڀريو ۽ پهرين پاڙي سطح جي تنظيم ”معراج“ جو قيام عمل ۾ آيو ۽ سيني گڏيل صلاح سان ناديه کي ان تنظيم جي مئنيجر طور چونڊيو ويو ۽ هي ڪاميابيءَ جي سفر ۾ ناديه جو پهريون قدم هو.

هاڻي ناديه کي ڪجھ ڪرڻ جو موقعو مليو، جنهن جو هن کي سالن کان انتظار هو. پاڙي سطح جي تنظيمن جي اڳواڻن جي تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ ناديه کي پنهنجي منزل اجان ٻه قريب ٿيندي نظر آئي پاڙي کان پوءِ ڳوناٽي تنظيم جو وارو آيو ته ناديه کي سيني پاڙي تنظيمن جي ميمبرن وري ڳوٺ جي تنظيم جو مئنيجر چونڊي ورتو ۽ هن ڳوناٽي رضاڪار طور پڻ ڪم شروع ڪيو. هوءَ ڳوناٽي تنظيم ۾ شامل سيني ڳوٺن ۾ وڃڻ شروع ڪيو ۽ گهر گهر وڃي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ، وڏ لڳرائڻ ۽ پنج سالن جي ٻارن ۽ ڳورهارين عورتن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرائڻ لاءِ هن باقاعده هڪڙي مهم جو آغاز ڪيو. هن کي پنهنجي مقصد کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو. جنهن ۾ سڀ کان وڏيڪ تڪليف هن کي تڏهن ٿيندي هئي جڏهن هوءَ مختلف ڳوٺن ۾ تنظيمي ڪم ڪار سان ويندي هئي. هڪ ته هوءَ پاڻ معذور ۽ ٻيو گهر ۾ 11 سالن جي معذور ننڍڙيءَ کي ڇڏي ويندي هئي. جنهن جي سارسنڀال هن کان سواءِ ممڪن نه هئي. پر اهي سڀ ڳالهيون هن جي خواهش، هن جي عزم ۽ هن جي محنت اڳيان ديوار بڻجي نه سگهيون ۽ هن پنهنجي محنت جاري رکي.




جڏهن ناديه جي جاکوڙ جي حقيقي ڪهاڻي سرسو اداري جي مانيٽرنگ ۽ ايويليوئيشن ڊپارٽمينٽ پاران لکي وئي ته سنڌ جي اٺن ضلعن ۾ يوروپين يونين جي تعاون سان

هلنڊ سڪسيس پروگرام مان ناديہ جي ڏينهن رات جي محنت ڪانپوءِ نيٺ اهو ڏينهن اچي ويو جنهن جو ناديہ ڪي سالن ڪان انتظار هو. يونين ڪائونسل سجاول ۾ تنظيمي عمل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ يو.سي سطح جي تنظيم مقامي سهڪاري تنظيم (ايل ايس او) جو قيام ٿيو ۽ هوءَ مقامي سهڪاري تنظيم "سجاول" ۾ خزانچي طور چونڊجي وئي وقت گذريو تہ هوءَ مقامي سهڪاري تنظيمن جي نيٽ ورڪ ۾ تعلقي سجاول لاءِ صدر چونڊي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ هو جوائنٽ ڊولپمينٽ ڪاميٽي (JDC) جي ميمبر پڻ بڻجي وئي. انهن ڏينهن ۾ سرسو اداري پاران تعلقي



سجاول ۾ تنظيمن جي سرگرم ڪارڪنن جو هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. جنهن جي صدارت ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر شهمير خان پٽو ڪئي. ان پروگرام ۾ ناديہ پنهنجي مقامي سهڪاري تنظيم "سجاول" جي ڪارڪردگي پيش ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ڪان گهر ڪئي تہ ''هو ان جي تنظيم ۾ شامل ڳوٺن جو دورو ڪري جتي حڪومت پاران منظور ڪيل ڪيترائي اسڪول بند پيل آهن، جنهن سبب اسان جي تنظيمن ۾ شامل ڳوٺاڻن جي اولاد تعليم جي زيور ڪان محروم آهي. اسان جا ڳوٺ صحت جي سهولتن ڪان وانجهيل آهن''. ڊپٽي ڪميشنر ڳوٺاڻي بهادر عورت جو حوصلو ۽ همٿ ڏسي ان وقت اعلان ڪيو تہ ''ٻن ڏينهن اندر بند اسڪول ڪولرايا ويندا''. ڊپٽي ڪمشنر جي ان اعلان ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن ڪان ئي ان تي عمل ٿيڻ شروع ٿي ويو ۽ ناديہ جي ڳوٺ جي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿي ويو ۽ اسڪول ۾ تدريسي عمل بہ شروع ٿي ويو.

مسلسل محنت ۽ ڪاوشن سبب ناديہ جوڻيجو ڪي يورپين يونين جي هيڊ ڪوارٽر برسلز ۾ ٽينڊ انٽرنيشنل ايگزيبيشن ۾ شرڪت لاءِ چونڊيو ويو. جتي هن ڪي تنظيم ۾ ڪيل محنت ۽ ڪم جي مڃتا طور گهرايو ويو تہ

جيئن باقي دنيا ۾ يورپين يونين پاران جاري پروجيڪٽ مان فائدو وٺندڙ پنتي پيل ملڪن جي عورتن ۾ اتساهه پيدا ٿئي تہ ڪھڙي طرح پوليو جي شڪار ٿيل صرف پنج درجا پاس دنيا جي هر سهولت کان وانجهيل علائقي جي هڪ غريب عورت جڏهن ڪجھ ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري ٿي تہ دنيا جي ڪا رڪاوٽ ان جي سامهون بيهي نہ ٿي سگهي.

نيٺ نادیہ يورپين يونين جي هيڊ ڪوارٽر تائين پهچي وئي جتي هن سنڌ جي 8 ضلعن ۾ جاري سڪسيس پروگرام جي نمائندگي ڪندي دنيا جي پنتي پيل علائقن جي عورتن لاء هڪ پيغام ڏنو تہ جيڪڏهن انسان جا حوصلا بلند هجن ۽ ڪجھ ڪرڻ جي جستجو هجي تہ دنيا جي ڪابہ منزل حاصل ڪرڻ آسان ٿي پوي.

سوشل موبلائيزيشن ٽيم سڄاول جي معرفت، برسلز ۾ منعقد ٿيندڙ ايگزيبيشن ۾ 150 کان مٿي ملڪن جي عورتن سميت نادیہ پڻ شرڪت ڪئي. جتي عورتن کي بااختيار ڪرڻ لاءِ يورپين يونين جا پروگرام هلي رهيا هئا. جنهن ۾ نادیہ سنڌ جي اٺن ضلعن ۾ هلندڙ سڪسيس پروگرام جي نمائندگي ڪئي هئي.










# سون جهڙي سوچ

بختاور ڪلهوڙو
CIF پروفيشنل - سرسو ميرپورخاص

سرسو اداري جو هڪ اصول رهيو آهي تہ هن سدائين عورتن جي صلاحيتن ڪي مدنظر رکندي ڪم ڪيو آهي. اِداري طرفان هلندڙ ”عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام“ Peoples Poverty Reduction Programme (PPRP) جو اهو منشور رهيو آهي تہ ٻهراڙين جي عورتن کي منظم ڪري پنهنجن صلاحيتن کي استعمال ڪندي مضبوط بڻائجي. ڇو تہ هر ماڻهو پنهنجي اندر ڪا نہ ڪا بهترين صلاحيت رکندو آهي ۽ عورت کي گهٽا ڪم ڪندڙ محنتي ڏنو ويو آهي. چاهي اُها ٻهراڙي جي عورت هجي يا شهر جي. پر جيئن تہ هي پروگرام ٻهراڙين جي غريب عورتن لاءِ رکيو ويو ۽ انهن پنهنجا مالي ۽ انساني وسيلا استعمال ڪندي هن ڳالهہ کي ثابت بہ ڪيو آهي.

شهزادي غلام محمد جو بہ اهڙو هڪ خوبصورت مثال اسان جي سامهون آهي جيڪا ڳوٺ سائينداد علياڻي جي رهواسڻ آهي. شهزادي پاڙي واري تنظيم ”اُجالا“ جي مئنيجر، ڳوناٺي تنظيم ”نئين سوچ“ جي ميمبر ۽ تعلقي جهڏي سان تعلق رکندڙ آهي. شهزادي جي پاڙي واري تنظيم جي موجوده بچت -/12,600 روپيا آهي. جيڪا هر مهيني جي ٽيندڙ گڏجاڻي ۾ وٺندي رهي ٿي. شهزادي جو غربت جو اسڪور 13 (PSC) آهي. ڪجهہ عرصي بعد شهزادي تنظيم جي گڏجاڻي ۾ هڪ گهريلو سطح جو منصوبو لکي اداري ڏانهن اُماڻي اداري پاران ضروري جاچ پڙتال کان پوءِ ڪيس بنا وياج واري قرض جي مد ۾ -/15,000 هزار روپيا ڏنا. جنهن مان هن پنهنجي ڌيءَ کي -/6,000 هزارن ۾ هڪ سلائي مشين خريد ڪري ڏني ۽ -/5,000 هزار ۾ هڪ ننڍو ڇيلو خريد ڪيو. باقي بچيل پئسن مان هن گهر ۾ هڪ پيٽي، هارسينگار جو ڪجهہ سامان سڳيون، چوڙيون ۽ ٻارڙن جا رانديڪا وٺي لاءِ ورتا. سندس ڌيءَ جيڪا سلائي سکيل هئي پر گهر ۾ مشين نہ هئڻ سبب سلائي نہ پئي ڪري سگهي. جڏهن ڪيس سلائي مشين ملي تہ هن ۾ هڪ نئين اميد جاڳي پئي. چوندا آهن تہ دِل خوش هجي تہ اندر جون سموريون صلاحيتون نِڪري ٻاهر نڪرنديون آهن. ساڳيوئي مثال هن



گهراڻي تي نهڪي پيو. سندس ڏيءُ جي سلائي ڪيل ڪپڙن جي گهرج پوري ڳوٺ ۾ هئي، گڏوگڏ ميڪ اپ جو سامان، سڳيون، ٻارن جا رانديڪا به هڪ بهتر ڪمائي جو ذريعو بڻيا آهن. سڄي ڳوٺ مان ماڻهو شهر جي ڏانهن وڃڻ جي ڪراين ۽ پريشانين ڪان بچڻ لاءِ هنن ڪان سامان خريد ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.

جنهن سبب سندن اِهو روزگار تمام بهترين هلي رهيو آهي. گهر ۾ بيٺل هڪ ڇيلي طرف اشارو ڪندي شهزادي ٻڌايو ته ”مون اِهو ڇيلو پڻ بچيل پئسن مان ورتو آهي ۽ اِهو پڻ اسان ڪي مستقبل ۾ ڪمائي ڏيندو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته پهرين مون اِهو سوچيو هو ته 15 هزارن مان هڪ ٻڪرو وٺان ڪجهه عرصو پالي ان کي کپائي قرض واپس ڪيان. مون پنهنجي گهر واري سان صلاح مشورو ڪيو. اسان جي اها صلاح بيٺي ته اهڙي طرح پئسا خرچ ڪجن جو خدا نا خواسته جيڪڏهن هڪ جاءِ تان نقصان ٿئي به ته ٻئي پاسي ان جو نفعو نڪري اچي ۽ اسان قرض به بروقت واپس ڪري سگهون. تڏهن اسان گڏيل صلاح ڪري اِهو فيصلو ڪيو ته هن پئسي کي 3 مختلف حصن ۾ ورهايون. پوءِ اسان هڪ سلائي مشين خريد ڪئي، ٻيو ڇيلو ورتو ۽ ٽيون ڪجهه سامان وٺي گهر ۾ وڪري لاءِ رکيوسين“.



شهزادي چواڻي ته ”هاڻ الله جو شڪر آهي ته گهر ۾ وڪري لاءِ ورتل هلڪو ڦلڪو ميڪ اپ جو سامان، ٻارن جا رانديڪا، چوڙيون وغيره کپائي روزانه جي بنياد تي 300 کان 400 سئو روپيه ڪمائي ٿئي پئي. هن وڌيڪ چيو ته بچت مان قرض لاهڻ جيترا پئسا گڏ ڪري ڇڏيا آهن ۽ روزمره جي زندگي جي پورائي لاءِ پڻ ڪمائي کي استعمال ڪيون پيا. مستقبل ۾ اها خواهش آهي ته هن ڪاروبار کي اڃان وڌيڪ بهتر ڪيان ۽ وڌايان، پهريان ته ٻهراڙي جي پسمانده هن ڳوٺ ۾ مون ڪڏهن اهو تصور ئي نه ڪيو هو ته ڪو مان پنهنجو روزگار ڪنديس، مال وٺنديس. سنڌ حڪومت ۽ سرسو جُس لهڻي جن اسان جي سار لڌي، منهنجو سيني کي اهو پيغام آهي ته پئسن کي صحيح استعمال ڪيو ته غربت گهٽ ٿي سگهي ٿي، منهنجو ۽ مون جهڙين غريب عورتن جو مثال اوهان جي سامهون آهي، سرسو ۽ سنڌ حڪومت جو ساٿ ڏيو ۽ غربت کي گهٽايو“.

*

# نندي سيڙپڪاريءِ وڏو فائدو!

منظور جلباڻي
ڊسٽرڪٽ مئنيجر - سرسو جيڪب آباد




سنڌ جي ٻهراڙين جا ماڻهو محنتي ۽ باصلاحيت آهن. جن جي هٿن ۾ قدرت واري اهڙي تہ ڪاريگري بخشي آهي جو جنهن ڪي لڳي اها شيءِ ڇڻ تہ سون مثل ٿي وڃي ۽ اهڙي ذات ونڊڻ مهل قدرت واري عورت ۽ مرد جي متڀيد ناهي رکي. سنڌ سونهاري جون جتي عورتون هنرمند ۽ محنتي آهن اُتي مرد بہ ڪنهن کان گهٽ ناهن. جيڪي اٽپورين سهولتن ۽ مسئلن جي باوجود بہ هنرن ۾ پنهنجو نالو ڪمائي چڪا آهن.

جڏهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽايو پروگرام UCBPRP سرسو - سنڌ حڪومت (GoS) جي مالي تعاون سان جيڪب آباد ۾ شروع ڪيو ۽ غربت جي درجابندي بعد پاڙي سطح جي تنظيمن COs، ڳوٺ سطح جي تنظيمن VOs ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن LSOs ۾ عورتن کي متحد ۽ منظم ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ مسمات بختاور پڻ ڳوٺ جي عورتن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پاڻ بہ تنظيم ۾ شموليت اختيار ڪئي. پهريان ڳوٺ ۾ CO وينجهر جوڙي ڪجھ عرصي بعد VO يار محمد پٽي ۽ LSO لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”انمول“ جوڙي وئي. ائين تنظيمي گڏجاڻين جو سلسلو جاري رهيو جڏهن مسمات بختاور سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي سين تہ هن ٻڌايو تہ ٻهراڙيءَ جو ماحول آهي ۽ هتان جي عورتن کي پهريان ڪا خبر نہ هئي تہ تنظيم ڇا ٿيندي آهي، پئسو ڇو ۽ ڇالاءِ گڏ ڪبو آهي، مطلب تہ زندگي ڇا ٿيندي آهي ڪا خبر نہ هئي. عورت کي اها سجاڳي ۽ ڄاڻ سرسو جي ٽيم ڏني. ڇوتہ ٻهراڙيءَ جي عورت جي ڪرت صرف ۽ صرف ٻنيءَ ٻاري تي ڪم ڪار ڪرڻ، گهر سنڀالڻ، مال مويشيءَ جي پالنا ڪرڻ ئي آهي. سرسو ٽيم جي مسلسل رهنمائي ۽ تربيتن اسان کي گهڻو ڪجھ سيکاريو آهي، پهريان اسان گهر تائين محدود هيون سين، هاڻ جيڪب آباد تہ ڇا پر جتي بہ تنظيم جي ڪا گڏجاڻي ٿئي ٿي تہ اسان اُتي وڃون ٿيون اها اسان عورتن لاءِ وڏي تبديلي آهي.

مسمات بختاور وڌيڪ ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن مون پنهنجي تنظيم ”يار محمد پٽي“ جي هڪ گڏجاڻي ۾ قرض لاءِ قرارداد لکي اداري ڏانهن موڪلي تہ مون کي روزگار لاءِ قرض ٿو گهرجي، اداري پاران جاچ پڙتال کان پوءِ مون کي -/20,000 هزار جو قرض ڏنو، مون پنهنجي مڙس صحبت علي سان صلاح مشورو ڪيو تہ هي پئسا ڪٿي خرچ ڪجن تہ هن مون کي چيو تہ مون کي ڪشيده ڪاري (پرت) جو ڪم سکيو آهي، ڇونہ برت واري مشين خريد ڪري پنهنجو روزگار ڪيان، صلاح بهتر لڳي ۽ پوءِ مون صحبت علي کي پئسا ڏنا ۽ هو شهر مان -/10,000 هزارن جي پرت واري مشين خريد ڪري آيو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪشيده ڪاريءَ جو ڪم شروع ڪيائين. باقي بچيل پئسن مان مون هڪ رڍ خريد ڪئي.

اسان جي جڏهن صحبت علي سان ڳالهه ٻولهه ٿي، هن ٻڌايو ته پهريان مان گڏهه گاڏو هلائيندو هوس، گهر جو گذرسفر ڏکيو ٿيندو هو، پوءِ مان جيڪب آباد ۾ پنهنجي سوٽ علي گوهر سان وڃي مليس جيڪو شهر ۾ ڪشيده ڪاري جو ڪم ڪندو هو. مون اُتان ڪم سکڻ جي شروعات ڪئي ۽ شوق سان ڪم سکيو، جڏهن پنهنجي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪئي پوءِ سوچيو ته جيڪڏهن پئسو هجي ته پنهنجو ڪو دوڪان ڪوليان پر ڪٿان چارو نظر ڪونه پئي آيو. پوءِ پنهنجي استاد علي گوهر جيڪو پهريان جيڪب آباد جي پيٽي بازار ۾ ڪم ڪندو هو. هن ڳوٺ ۾ پرت جو ڪم شروع ڪيو ته مان به هن سان گڏجي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. شروعات پنهنجي گهر کان ڪيم پنهنجي ٻارڙن جا ڪپڙا ڊزائين ڪري ڪين پارايم. انهيءَ دوران اسان پنهنجا رابطا مختلف دوڪاندارن سان به ڪيا ته اسان پنهنجو ڪم ڳوٺ ۾ شروع ڪيو آهي. ۽ ٿوري ئي عرصي بعد اسان کي آرڊر ملڻ شروع ٿيا ڪم ۾ صفائي ۽ بهتر ڪم هجڻ سبب اسان کي سنا آرڊر مليا ۽ هاڻي الله جو شڪر آهي جيڪب آباد ۽ ڪوئٽه کان آرڊر ملن ٿا، اسان کي دوڪاندار ڪپڙو به پنهنجو ڏيندا آهن صرف هو ڊزائين ٻڌائيندا آهن، جيڪا اسان وٽ البم ۾ موجود هوندي آهي يا پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اسان پاڻ به جيڪب آباد ويندا آهيون ۽ دوڪان تان آرڊر وارو ڪم کڻي ايندا آهيون ۽ سمورا آرڊر وقت سرِ مڪمل ڪري ڏيندا آهيون جنهن مان -/10,000 کان -/15,000 هزار ماهوار تائين ڪمائي وٺندو آهيان. هن وقت اسان جو گذرسفر تمام بهتر هلي رهيو آهي.



مسمات بختاور ٻڌايو ته جڏهن پهريون قرض واپس ڪيو ته مون ٻي قرض لاءِ قرارداد لکي ڏني ۽ ٻيو قرض به مون کي -/20,000 هزار مليو، مون ان مان ڪجهه رڊون خريد ڪيون ۽ ڪجهه پنهنجي مڙس کي دوڪان کولڻ لاءِ ڏنا ٿوري عرص بعد ٻي قرض جا پئسا به واپس ڪيا. هاڻي اسان جو روزگار بهتر هلي پيو، ماحول ۾ رهڻي ڪهڻي ته ساڳئي ٻهراڙيءَ واري آهي پر سرسو جي تنظيم سازيءَ مان اسان کي فائدو ضرور پيو آهي. جيڪڏهن سرسو اداري ۽ سنڌ حڪومت پاران هي تنظيمي سلسلو نه جڙي ها ته شايد اسان جو وقت بهتر نه گذري ها ۽ منهنجو مڙس گڏهه گاڏو ئي هلائيندو هجي ها، پر هاڻ ائين نه آهي اداري پاران مليل رهنمائي ۽ مليل قرض بدولت اسان کي پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ بهتر روزگار ملي ويو آهي. وڏي ڳالهه ته اداري وارا جڏهن اسان عورتن سان اچي ملن ٿا، ۽ اسان کان پنهنجي ڪاميابين جي باري ۾ پڇن ٿا ته ان سان اسان جي عزت ۽ مانُ وڌي ٿو ۽ اسان کي خوشي به ٿئي ٿي. مان ته اهو چونديس ته پهريان واري زندگيءَ ۽ هاڻ واري زندگي گذارڻ ۾ وڏو فرق آهي ۽ ان جو سڄو ڪردار سنڌ حڪومت ۽ سرسو اداري جي ٽيم ڏانهن وڃي ٿو. جنهن جي رهنمائي ۽ مسلسل رابطي سبب اهو ممڪن ٿيو آهي.

*

# خوشحالي طرف وڌايل وک

احمد خان سميجو
ڊسٽرڪٽ مئنيجر
ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ

ضلعي ڪنڌڪوٽ - ڪشمور جي ٻهراڙين جون عورتون شهر کان ڪوهين ڏور صحت، تعليم ۽ بنيادي سهولتن کان وانجهيل رهيون آهن. جتي عورتن کي ڪا خاص اهميت نه ڏني ويندي هجي، سندن زندگين جي اهم فيصلن واري اختيار کان پڻ محروم رکيو ويو هجي، اُتي پروين خاتون پنهنجي ڳوٺ اندر پرچون جو دُڪان هلائي پئي ۽ پنهنجي گهر جي هڪ ڪمائيندڙ فرد جي حيثيت رکي ٿي.

اسان جي جڏهن پروين سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن ٻڌايو: ''ڪڏهن اهو تصور به نه ڪيو هو ته مان ننڍي پئماني وارو ڪاروبار ڪري پنهنجو گهر هلائيندس.''

ڳوٺ شاهه مراد بجاراڻي يونين ڪائونسل ۽ تعلقہ تنگواڻي ضلعو ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ سان تعلق رکندڙ 29 ورهين جي پروين جي شادي ڏي وٺ جي بنياد تي پنهنجي سؤٽ محمد شريف سان ڪرائي وئي. شريف ٻارنهن درجا پاس آهي. جڏهن ته ڳوٺ ۾ نياڻين کي ناهي پڙهايو ويندو، ان ڪري پروين تعليم پرائڻ کان محروم رهي.

پروين جي مطابق جڏهن هن جي شادي ٿي ته هن جو ساهوراڻو گهر ڪانئن جو منهُ نهيل هو ۽ گهر جو وهنوار هن جي سُهري جي مزدوري تي هلندو هو، جيڪو شهر جي اناج منڊي ۾ پورهيو ڪندو هو. ڪجهه سالن اندر هن



جو سهرو هي فاني جهان ڇڏي ويو ۽ گهر سنڀالڻ جو بار هن جي مڙس محمد شريف جي ڪلهن تي آيو. محمد شريف ٽائرن جي دُڪان تي مزدوري ڪرڻ شروع ڪئي. جتي ڪيس هڪ ته اجورو گهٽ پئي مليو، ٻيو ته هن کي ڳوٺ کان ٻاهر وڃڻو پئي پيو، جڏهن ته هن جي سسُ شگر، بلڊپريشر ۽ اکين جي بيماري ۾ ورنجي وئي. هڪ ئي مهل هن جي مٿان تمام گهڻيون مصيبتن اچي منهن ڪڍيو.

آخرڪار هڪ ڏينهن هنن لاءِ خوشگوار ثابت ٿيو. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، پرائم منسٽر انٽريسٽ فري لون پروجيڪٽ جي ٽيم آئي ۽ کين ٻڌايو: ”سرسو جو مقصد آهي ته غريب گهراڻن جي غربت مان جند آجي ڪرڻ لاءِ کين تنظيمي مالها ۾ پوئي هڪ ٻئي جي معاونت ۽ بچت ڪرڻ سان گڏ نئين قسم جا ننڍا ننڍا ڪاروبار شروع ڪرائجن ته جيئن غربت جهڙي وبا مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي“.

اهڙي ريت ڳوٺ شاهه مراد ٻجاراڻي جي پاڙي ۾ ڳوٺ جي تنظيم Village Organization شاهه مراد ٻجاراڻي جو بنياد رکيو ويو.

تنظيم جڙڻ ڪانپوءِ پروين به پنهنجي ڳوٺاڻي تنظيم جي سرگرم رڪن بڻي. پنهنجي وي.او (V.O) کي ڳوٺاڻي سطح تي ننڍي پيماني تي ڪاروبار ”پرچون جو دوڪان“ کولڻ جو منصوبو جمع ڪرايو.

اهڙي ريت پروين خاتون کي پنهنجي ڪاروبار ڪرڻ لاءِ -/40,000 اداري پاران ضروري جاچ پڙتال کان پوءِ بنا وياج قرض ڏنو ويو.

پنهنجي تصوراتي منصوبي کي حقيقي شڪل اختيار ڪندي ڏسي پروين کي پنهجي پاڻ تي يقين نه پئي آيو. نيٺ اهو سچ به اپريو جنهن ۾ هن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو. هن پنهنجي ڳوٺاڻي سطح تي پرچون جو دڪان کوليو ۽ گهر جي آمدني ۾ مڙس سان گڏ ڀاڱي ڀائيوار بڻي.

روزگار مان ڪمائي ٿيڻ لڳي ۽ اهڙي ريت هنن جي گهر جي سطح تي موجود غربت گهٽجڻ لڳي. هنن جو منهُ هاڻي ڪچي ڪوني جي شڪل اختيار ڪئي آهي ۽ هنن جي گهر ۾ گرمي ۽ انڌيري کي مات ڏيڻ لاءِ سولر سسٽم ۽ بيڪ اپ بيٽري پڻ خريد ڪئي آهي. ٽي ڀيرا قرض وٺي هنن غربت کي گهٽايو آهي ۽ پنهنجي ڏکاري حياتي سُکن ۾ بدلائڻ لڳا آهن. آخر ۾ پروين چيو ته سرسو ۽ پاڪستان حڪومت جي مان شڪرگذار آهيان جنهن جي مالي سهڪار سان اسان کي ڳوٺاڻي سطح تي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي مدد ڪرڻ بابت شعور ڏنو آهي.

*

# زندگيءَ جو مشڪل سفر

ماجد علي ميمڻ
يونٽ انچارج
سرسو - نوشهروفيروز

| | | |
|---|---|---|
| نالو | : | مسمات حوران |
| مڙس جو نالو | : | بشير خان ٻهراڻي |
| ڳوٺ | : | هوت خان ٻهراڻي |
| پاڙي سطح جي تنظيم | : | سُورج |
| يونين ڪائونسل | : | مناهي |
| تعلقو | : | مورو |
| ضلعو | : | نوشهروفيروز |

نوشهروفيروز ضلعي جو هڪ ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي واڻ تيار ڪرڻ ۾ پنهنجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو. هتان جو تقريبن هر گهراڻو واڻ ناهڻ جي ڪرت سان لاڳاپيل رهيو آهي. 300 کان وڌيڪ گهرن تي مشتمل هن تاريخي ڳوٺ جي تقريبن پنجين پيڙهي آهي جيڪا پيشِ جي ٿرن تي محنت ڪري انهن کي وٽي واڻ جي نوڙي جي شڪل ڏي ٿي.

مسمات حوران جيڪا هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي ڪيس 6 ٻارن جو اولاد آهي. گهر وارو پوڙهو هئڻ ڪري مزدوري ڪرڻ کان قاصر آهي. سندس وڏي نياڻي رابيل کي گوڏن ۽ چيلهه ۾ ساهه ڪونه اٿس هوءَ ڪم ڪار ڪرڻ کان لاچار آهي. ڪيس گهمڻ ڦرڻ ۾ به تمام تڪليف ٿيندي آهي. سندس چوٿون پٽ ڪنبر پڻ ساڳئي پراسرار مورثي بيماري ۾ مبتلا آهي. تنهن جي ڪارڻ هو ان بيماري جي علاج ڪرائڻ کان بي خبر آهن. چوته پئسا نه هئڻ ڪري ڪنهن ڊاڪٽر کي به نه ڏيکاري سگهيا آهن. جڏهن ته سندس ٻيو نمبر ڌيءَ سائره پڻ ٿرڪڻي جي بيماري ۾ مبتلا آهي، جنهن جو علاج خانگي اسپتال ۾ مهانگو ٻڌايو. تنهن ڪري هوعلاج ڪرائڻ کان قاصر آهن.



گهر هلائڻ جو بار هن جي ٽئين نمبر پٽ امير علي (نو بالغ عمر) جي ڪَچن ڪلهن تي ۽ مسمات حوران جي واڻ وٽڻ واري محنت تي دارومدار رکي ٿو. هنن جي رهائش هڪ ڪچي ڪوني ۾ آهي تنهن جي به ڇت ڪري پئي آهي. جنهن مان ڪين پنهنجي غربت آسمان جيان ڇٽي نظر ايندي آهي. سندن حياتيون محرومين سان ٽمٽار پئي گذريون. اوچتو هڪ ڏينهن سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي نمائندن جي آمد هنن جي جياپي ۾ هڪ پُراميد ثابت ٿي.

سرسو نمائندن جڏهن ٻڌايو ته ”سرسو ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب بي پهچ ماڻهن

جي حياتين ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ وستين واهڻن ۾ پهچي کين تنظيمي شڪل ۾ متحد ڪري، پنهنجي مدد پاڻ تحت هڪ ٻئي جي سهڪار سان ۽ سرسو جي ننڍي پيماني تي بغير وياج جي قرض وسيلي پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۾ بهتري آڻي سگهن ٿا“.



سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي ان پيغام کي هوت خان ڀهراڻي جي عورتن هنئين سان هنڊيو. جنهن ۾ اڳيري مسمات حوران نظر پئي آئي. مسمات حوران پنهنجي پاڙي جي تنظيم سورج جو پنهنجي پاڙي جي 16 غريب عورتن سان گڏجي بنياد رکيو. اهڙي ريت هن ڳوٺ جي سمورن پاڙن ۾ 16 تنظيمن جو بنياد پيو. تنهن بعد ڳوٺ هوت خان ڀهراڻي جي نالي سان ڳوٺاڻي تنظيم جو بنياد پڻ رکيو ويو.

تنظيمي عورتون گڏجاڻيون ڪرڻ لڳيون، گڏجاڻين ۾ بچت جو رجحان پڻ شروع ٿيو. جيڪو اڄان تائين جاري آهي. جيئن ته مسمات حوران هڪ غريب ترين گهراڻي سان تعلق رکي پئي. هن جو غربت جي پئمائش ڪرڻ واري سروي PSC موجب پاورٽي اسڪور ڪارڊ 9 هو. تنهنڪري کيس آساني سان بنا وياج جي ننڍي پيماني وارو قرض مليو.



پهرين پيري ۾ کيس -/15,000 هزار مليا. جنهن مان هن ڳابو ورتو ۽ طئي ٿيل وقت تي قرض جي واپسي لاءِ اهو ڳابو وڪڻيو جنهن جي رقم -/30,000 هزار ٿي. هن -/15,000 هزار قرض واپس ڪيو ۽ -/15,000 هزار پنهنجي استعمال ۾ آندا. ٻئي ڀيري جي قرض ۾ هن وڇ خريد ڪئي. محنت ڪري سال بعد قرض واپس ڪيو ۽ وڇ سنڌس هاڻي مينهن ٿي وئي آهي. ٽيون ڀيرو ورتل قرض مان هن ڪتن جو واڻ وٽڻ لاءِ پيش جا فرها خريد ڪيا آهن ۽ پنهنجي اباڻي ڪرتِ ڪري گهر جو چرخو چوري رهي آهي.

مسمات حوران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن اداري جا ٿورا مڃيا ۽ ٻڌايو ته سرسو جي سهڪار سان ئي هنن جي زندگي ۾ ڪجهه بهتري جا آثار نمايان ٿيا آهن. ڪيس اميد آهي ته سرسو جي تعاون سان هو هڪ ڏينهن غربت مان دائمي نجات حاصل ڪندا.

*

# مايوسيءَ کي مات

غلام عمر چانڊيو
ايڇ آرڊي آفيسر
سرسو - سڪسيس شهدادڪوٽ



مايوسيءَ کي اسان جي مذهب ۾ ڪفر ڪوٺيو ويو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن حياتي ۾ ڏکن جي گهڻائي کي ڏسي جيئڻ تان ارواح ئي کڄي ويندو آهي. اهڙي اوکي جياپي جو هڪ مثال حبيبان جو به آهي جيڪا پنهنجي اٺن ٻارن سان گڏ مٽيءَ جي نهيل هڪ ڪچيءَ ڪوٺي ۾ رهي ٿي، اهوئي هنن لاءِ سردي گرميءَ منجهه ڇپر ڇانوَ ٻٽيل پڪڙو آهي.

حبيبان جو پرائمري پاس مڙس الله ڏتو زمين ۾ هارپو ڪري گهر جو چرخو چوري پيو. جيڪا ڪمائي هنن جي 10 گهر ڀاتين لاءِ اڻپوري هئي. اوکي ويل ۾ ڪٿان به واهر جو ڪو آسرو نه هوندو هو. هن غريب گهراڻي جو تعلق ڳوٺ واحد بخش گوپانگ يونين ڪائونسل ٿوف چوسول تعلقو ميروخان ضلعو قمبر - شهدادڪوٽ سان آهي.

ڏک ۽ بُک غريبن جي ميراث رهيا آهن. پر حبيبان مطابق ”اسان پنهنجي بُک برداشت ڪري ويندا هئاسين، پر معصوم ٻچڙن جي بُک برداشت نه ڪري سگهندا هئاسين. ٻارن جي بک ۽ بيماري اسان جي حياتي جون سموريون خوشيون ڦُري رهي هئي. ٻارن جي اچانڪ ناچاڪائي اسان جو جيءُ جهوري وجهندي هئي. جنهن سبب اسان مايوسيءَ واري حياتي گذارڻ تي مجبور هئاسين. ڪٿان ڪا واهر نظر نه ايندي هئي، هر ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو هو غربت ۽ بيروزگاري سبب ڪو اوڌر ڏيڻ لاءِ به تيار نه هوندو هو. ان سموري صورتحال مايوسيءَ ڪان ته آجا ڪين هئاسين پر خدا ڪان سڻائي جا دعاڳو پڻ هئاسين. اسان جي مايوسين کي مات ڏيڻ لاءِ هڪ ڏينهن سرهو ثابت ٿيو ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران سنڌ جي ٻهراڙين ۾ معاشي خوشحالي لاءِ يورپين يونين ۽ سنڌ حڪومت سان گڏجي سڪسيس (SUCCESS) نالي هڪ پروجيڪٽ جي شروعات ڪئي جنهن ۾ پهريان غربت جي درجابندي (PSC) سروي ڪرائي وئي تنهن بعد پاڙي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جي تنظيمن جو بنياد رکيو ويو.



پاڙي جي تنظيم (CO) ”روشني“ جي 21 ميمبرن مان حبيبان پڻ سرگرم ميمبر طور شامل ٿي. پاڙي ۽ ڳوٺ جي تنظيمن منهنجي غربت کي ڏسي -/13,600 آمدني ۾ اضافي جي امداد IGG ۽ صحت ڪارڊ پڻ ڏياريو.



حبيبان جي جوڙيل منصوبي تحت هن پئسن جو صحيح استعمال ڪندي پنهنجي ڳوٺ ۾ پڪوڙا ناهي وڪڻڻ شروع ڪيا ۽ موسم جي لحاظ کان برف ڪپائڻ جو ننڍو ڳوناٺي سطح تي ڪاروبار شروع ڪيو. جنهن مان ڪيس 150 کان 200 تائين بچت ٿئي پئي. اهڙي ريت سنڌس غربت ۾ گهٽتائي اچڻ شروع ٿي آهي.

هڪ ڏينهن حبيبان جي پٽ فدا حسين ڪي ڇاتيءَ جو مسئلو ٿي پيو ۽ ڏيءَ حاجره کي ٽي.بي ظاهر ٿي. حبيبان ۽ هن جو مڙس تمام گهڻا پريشان ٿيا. پر ان وقت سرسو “SUCCESS” پروجيڪٽ تحت مليل صحت ڪارڊ هنن لاءِ هڪ معجزو ثابت ٿيو. ٽيم سان رابطو ڪري هنن لاڙڪاڻي جي سرفراز ميڊيڪل سينٽر ۾ 7 ڏينهن ٻنهي ٻارن جو علاج هليو. ۽ اها سموري رقم صحت ڪارڊ مان ادا ٿي ۽ اهڙي ريت هنن جا ٻه ٻار شديد تڪليف کي مات ڏئي صحتمند زندگي گذارڻ لڳا.

حبيبان ٻڌايو ته جيڪڏهن صحت ڪارڊ نه هجي ها ته اسان اهڙي مهانگي ميڊيڪل سينٽر تان ايترو ترت علاج نه ڪرائي سگهون ها ۽ پنهنجي ٻچن کي تڪليف ۾ ڏسي بيوس ۽ لاچار ٿي هنن جي ڏکن تي فقط ڳوڙها پئي ڳاڙيون ها. صحت ڪارڊ ۽ امداد جي رقم اسان لاءِ ڪنهن معجزي کان گهٽ نه آهي. جنهن اسان کي مايوسيءَ مان ڪڍي مرڪڻ واري حياتي ارپي آهي.

سرسو سڪسيس پروگرام تحت مليل امداد جي رقم مان اسان جو ڳوناٺي سطح تي ننڍڙو ڪاروبار آمدني جو ذريعو بڻيو آهي. جنهن وسيلي اسان جي گهر ۾ هر ويلي تي ماني نصيب ٿئي ٿي. جڏهن ته صحت ڪارڊ واري سهولت سبب اسان بيمارين جي اچانڪ حملن کان پاڻ کي ڪنهن حد تائين محفوظ پيا پائيون. جڏهن ته اصل تبديلي اسان جي رهڻي ڪهڻي، هڪٻئي جي مدد ۽ سهڪار ڪرڻ آهي. اها سکيا اسان کي تنظيمي گڏجاڻين ۾ ويهي ڪري ملي ٿي. جڏهن ته هر گڏجاڻي ۾ بچت ڪرڻ پڻ اسان جي تنظيمن لاءِ ڪنهن خزاني کان گهٽ ناهي جيڪا اسان ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال ۾ ڪتب آڻيون ٿا. حبيبان آخر ۾ ان سموري سوڀ لاءِ سرسو ۽ يورپين يونين جا ٿورا مڃيا ۽ وڏيڪ ڪاميابين لاءِ دعائون پڻ ڪيون.

*

# هنري تربيت حاصل ڪندڙ عشرت فاطمہ

نسرين نوناري
ڊسٽرڪٽ مئنيجر- سرسو سکر

عام چوڻي آهي تہ ’’هنر بادشاهہ آهي‘‘. اهو سچ بہ آهي جڏهن اسان پنهنجي آس پاس نهاريون ٿا تہ هنرمند ماڻهو پنهنجو جياپو ڪنهن حد تائين چڱي نموني ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ ڪيترا ئي تعليم يافتہ نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ جي باوجود بيروزگاري جون دانهون ڪري رهيا آهن.

هنر جي اهميت ۽ افاديت کان ڪير بہ انڪار ڪري نٿو سگهي. هنر وارو ڪم يا روزگار ماڻهو کي چست، مضبوط رکڻ سان گڏ تندرست پڻ رکي ٿو. جڏهن تہ هنري سکيا ئي واحد ذريعو آهي جنهن وسيلي بيروزگاري کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. هنري سکيا کي هٿي ونرائڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ـ سرسو ۽ NAVTTC وچ ۾ معاهدو طئي ٿيو. جنهن تحت سرسو بيروزگار نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي هنري تربيتون ڏئي انهن کي ان لائق بڻائي تہ جيئن هو هنر ذريعي آمدني ڪمائي پنهنجي گهر جو سهارو بڻجي سگهن. سرسو نيوٽيڪ جي مالي سهڪار سان سنڌ جي مختلف ضلعن جنهن ۾ سکر، گهوٽڪي، ڪندڪوٽ، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ ۾ ڪاميابي سان نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هنري تربيتون ڏئي ان لائق بڻايو آهي تہ هو پنهنجي هنر وسيلي پنهنجي گهر جي آمدني ۾ مدد ڪري رهيا آهن. انهيءَ جو هڪ مثال ٻارنهن جماعت پاس عشرت فاطمہ جو پڻ آهي. عشرت فاطمہ ڳوٺ لونگ پٽي يونين ڪائونسل 2، تعلق روهڙي، ضلعي سکر جي هڪ ڪچي گهر ۾ رهائش پذير آهي. سندس والد قلندر بخش سِرَن جي بڻي تي مزدوري ڪندو آهي، جنهن مان هو گهر جو گذرسفر



هلائي پيو. جيڪو ڏاڍي ڏکيائي سان هلي رهيو هو.



عشرت فاطمہ سان جڏهن ڳالهہ ٻولهہ ٿي تہ هن ٻڌايو تہ ”مون کي پنهنجي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي والد جو هٿ ونڊائڻ لاءِ سدائين اونو رهندو هو منهنجي خواهش هئي تہ مان پنهنجي مزدور پيءُ جو گهر جي آمدني ۾ ٿوري گهڻي مدد ڪيان. ڇوتہ سرن جي ڀٽي تي گرمي سرديءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڪان پوءِ بہ ايترو اجورو ڪيس ناهين ملندو جو اسان جو وقت سٺو گذري سگهي. سوچيندي هئس تہ اهڙو ڇا ڪيان جنهن سان گهر جو چرخو بهتر هلي سگهي. سيني ڳالهين کي نظر ۾ رکندي مون قومي سکيا جي پروگرام تحت سرسو پاران NAVTTC جي تعاون سان سلائيءَ جي تربيت ۾ داخلا ورتي. پلي ڳالهہ اها تہ هن سکيا مان ماهوار -/3000 هزار روپيہ وظيفو پڻ مليو پئي، جيڪا منهنجي لاءِ تمام وڏي ڳالهہ هئي. پهريان خبر نہ هئي تہ ڪو سکيا دوران وظيفو بہ ملندو. چار مهينا مون سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ تربيت حاصل ڪئي. اداري جي سٺي ڪارڪردگي بهتر ماحول ۽ سکيا سبب مون ٿورڙي وقت ۾ سلائيءَ جو سمورو ڪم سکي ورتو ۽ پنهنجي گهر ۾ سلائي ڪرڻ شروع ڪئي. پهريان پاڙي ۾ ڪنهن کي خبر نہ هئي تہ ڪو مان سلائيءَ جو ڪورس ڪري آئي آهيان. جڏهن مون پاڙيسري عورتن کي ٻڌايو پوءِ هڪ بہ جوڙا سبڻ لاءِ ملڻ شروع ٿيا. پهريان نئون نئون ڪم هو ٿوري ڏکيائي ٿئي پئي پر پوءِ آهستي آهستي وقت سرِ آمدني ٿيڻ لڳي آهي. هاڻي مون کي سادي سلائيءَ جا 200 ڪان 250 روپيا ۽ سينگاريل جوڙن جي سلائيءَ تي 400 ڪان 500 روپيہ آساني سان ملي ويندا آهن. جنهن مان گهر جو خرچ هلائيندي آهيان، ۽ منهنجا والدين پڻ تمام گهڻو خوش آهن“.

عشرت فاطمہ وڌيڪ ٻڌايو تہ ”منهنجي هاڻ اها ڪوشش آهي تہ پنهنجي تعليم کي جاري رکان. ۽ گڏوگڏ منهنجو مستقبل جو اهو بہ منصوبو آهي تہ پنهنجي گهر ۾ هڪ سلائيءَ سينٽر کوليان تہ جيئن وڌ کان وڌ سلائي جا آرڊر وٺي پنهنجي والدين جي ڀرپور مدد ڪري سگهان ۽ ٻين غريب نياڻين کي پڻ پنهنجي سينٽر ۾ سکيا ڏئي انهن کي بہ پنهنجي روزي ڪمائڻ لائق بڻايان“.

هن وڌيڪ چيو تہ ”مان ٿورائتي آهيان سرسو ۽ نيوٽيڪ (NAVTTC) جي جنهن مون کي هنر جو موقعو ڏنو ۽ ان لائق بڻايو تہ مان پنهنجو روزگار شروع ڪيو آهي. منهنجي سيني نوجوان ڇوڪرين کي اها صلاح آهي تہ پڙهائيءَ سان گڏ هنري تربيتون ضرور حاصل ڪريو تہ جيئن ڏکئي وقت ۾ اهو هنر توهان جي ڪم اچي سگهي، ڇوتہ هنر وارو ڪڏهن بہ بُک ناهين مرندو، سرسو - نيوٽيڪ مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪريو ڇوتہ اهڙا موقعا ڪڏهن ڪڏهن ملندا آهن“.

*

# ڪميونٽي لائيو اسٽاڪ ايڪسٽينشن ورڪر جي ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي

شڪيل احمد چڇڙو
ايم آءِ ايس اسسٽنٽ PINS-ER-III لاڙڪاڻو

عرفان علي شيخ جو تعلق ڳوٺ محلائي شيخ يونين ڪائونسل وڏا مهر تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو سان آهي. عرفان مئٽرڪ پاس باهمت نوجوان آهي. جنهن ڪي يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ پروگرام فار امپروڊ نيوٽريشن ان سنڌ پنس (PINS) ۾ پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ مقامي سهڪاري اداري (ايل ايس او) ماشاءالله پاران ڪليو (CLEW) طور چونڊيو ويو.

PINS پروگرام تحت ڪميونٽي لائيواسٽاڪ ايڪسٽينشن ورڪر (CLEW) جي تربيت جانورن جي بهتر سارسنڀال ۽ علاج بابت تربيت جو تحقيقي ادارو (RTI) ٽنڊو محمد خان مان ٻن مهينن جي مال مويشي جي سارسنڀال، ويڪسين ڪرڻ ۽ موسمي بيمارين جو علاج ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪئي. جيڪو هن وقت ماهوار 15 کان 20 هزارن تائين ڪمائي رهيو آهي. عرفان سان جڏهن اسان جي ڳالهه ٻولهه ٿي ته هن پنهنجي ماضي کي ياد ڪندي ڪجهه دير خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ٿڌو ساهه ڀريندي هن ٻڌايو ته PINS پروگرام جي اچڻ کان پهريان يا ڪٽي ائين سمجهو ته پروگرام جي ڪا خبر نه هئي، پهريان زندگي هڪ اونداهين غار مثل هئي يعني جنهن جو ڪو مقصد نه هجي، جنهن مان نڪرڻ جي ڪا روشن واهه نظر نه پئي آئي.



انهن ڏينهن ۾ پيٽ پالڻ خاطر اسان سمورا گهر ڀاتي ڳوٺ واري گهر کي تالو هڻي ڪراچيءَ ۾ مزدوري ڪرڻ وياسين. منهنجو پندرهن ورهين جو ننڍو ڀاءُ جنهن کي ان عمر ۾ تعليمي شعور، وڏن جي شفقت ۽ پيار جي ضرورت هئي. ان وقت هن مون سان گڏجي قائد آباد ۾ واقع هڪ فيڪٽري ۾ مزدوري پئي ڪئي. غربت ايترو وڪوڙي وئي هئي جو گهر کان فيڪٽريءَ تائين 5 ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪرڻ لاءِ اسان وٽ ڀاڙو ڪونه هوندو هو! مجبوراً پنڌ اچڻو وڃڻو پوندو هو. جيستائين وڃي مهيني جي پهرين پگهار ملي. ڳيپي جي ڳولا خاطر جهوني پيءُ سميت اسان ڀائر روشنين جي راڄڌاني شهر ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ ۾، احساس کان محروم فيڪٽرين جي مالڪن وٽ انڌا ٻوڙا ۽ گونگا ٿي ڪمائيندا هئاسين. جتي اسان کي پنهنجي زنده هجڻ جو احساس صرف ڪاڏو ڪاٽڻ ۽ ساهه جي روانگيءَ جاري هجڻ سان ئي محسوس ٿيندو هو، جو ته ملڪ جي سڀ کان وڏي شهر جي وڏين عمارتن ۾ نهيل ڪارخانن جي مالڪن جون دليون تمام ننڍڙيون هيون جن ۾ اسان جهڙن غريبن لاءِ ڪا به جڳهه نه هئي. ڪم تان موٽندي رستن تان ايندي ويندي شهر ۾ ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ وارداتن جو خوف ۽ هراس تنهن ڪانسواءِ، جنهن ڪري مان فيڪٽري ۾ ڊيوٽي ٽائيم کان وڌيڪ ڪم ڪندو هوس جوته اضافي معاوضو (اوور ٽائيم) ملندو هو. گهر جي چلهه ٻارڻ لاءِ مان اڪثر اوور ٽائيم ڪندو هوس.

هڪ ڏينهن انٽرنيٽ ڪيفي هلائيندڙ هڪ دوست سان ڪچهري ٿي. واندڪائيءَ ۾ اڪثر ان وٽ ئي وڃي ويهندو هئس. مان دوست وٽ پٺتس ٿي چار ٻيا به ساٿي اڳ ۾ ئي ويٺل هئا. اسان سڀ ڏاڍو خوش هئاسين، هڪ ٻئي سان کل ڀوڳ پئي ڪئي. خبر ئي ڪا نه پئي ته اچانڪ ٻه موٽرسائيڪل تي سوار آيا ۽ انٽرنيٽ ڪيفي جي ڪائونٽر تي

وينل دوست کي پسٽل جا فائر کندا نکري ويا، اک چنپ ۾ مرکن مان ماتم ٿي ويو. چوڏاري پسٽل جي گولين جا خالي کوکا وکريَل هئا. ڪجهه دير پهريان ڪنن ۾گونجندڙ گانن جو آواز گولين جي گونج ۾ دفن ٿي ويو، جنهن سبب منهنجن ڪنن ۾ سيٽيون وڄي رهيون هيون.

اها رات مون لاءِ اياڳي رات هئي! منهنجي اکين جي اڳيان منهنجو دوست قتل ٿي ويو ۽ مان بيوس ان دوست لاءِ ڪجهه نہ ڪري سگهيس، جسم مان جڻ ساهه ڇڏائي ويو. هيسيل ساڻو ساڻو ساهه. پير گهليندو مَس وڃي گهر پهتس. انهيءَ واقعي سڄي پاڙي ۾ خوف ۽ حراس پکڙي ڇڏيو. جڻ جهرڪين جي شور مچائيندڙ ٽولي ۾ ڪنهن باز اچي حملو ڪيو هجي. اها 2013 جي ڳالهه آهي، مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ڪراچيءَ جا حالات تمام خراب هئا. اها رات ڪراچيءَ ۾ اسان جي آخري رات هئي. بابا چيو پُٽ سامان ٻڌو صبح جو سوير ئي ڳوٺ هلو. هاڻي بس هتي ناهي رهڻو.

سچ جي ڪرڻن نڪرڻ کان اڳ عصر ويل اسان ڪراچي ڇڏي چڪا هئاسين. اسان سڀ موٽي پنهنجي ماڳن تي آياسين. پر منهنجو ننڍو ڀاءُ اتي ئي رهي پيو، هن پنهنجي آئيندي کي اتي ئي بهتر پئي ڏٺو. مان وڏي پٽ هئڻ ناتي پنهنجي پوڙهي پيءُ ۽ گهر ڀاتين سان گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو.

ڳوٺ ۾ رُکي سُکي سا بہ ڪڏهن ڪاڏي ڪڏهن ڪو نہ. گذارو ائين پئي ڪيوسين. هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو بابا پنهنجي ڪجهه واسطيدارن کان قرض ڪٽي سعودي هليو ويو. اجا ڪنيل قرض ئي ڪونہ لٿو هو تہ بابا کي اتي دل جو دؤرو پيو ۽ کيس پنهنجي وطن واپس اچڻو پيو.

بابا چيو پنهنجي حياتيءَ ۾ تنهنجي خوشي ڏسڻ ٿو چاهيان، انکري بابا جي خواهش تي شادي بہ ڪئي. تڏهن مون شهر ۾ هڪ ڪريانہ جي دڪان تي ستن هزارن جي اجرت عيوض مزدوري ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن مان پيٽ گذر مس پئي ٿي سگهيو. بابا اچي گهر وينو. ڪجهه پئسا ننڍو ڀاءُ ڪراچيءَ مان موڪليندو هو اهڙي ريت گهر جو چرخو پئي هليو.

هڪ ڏينهن مان گهر ۾ هئس اوچتو بابا کي ٻيهر دل جو دورو پيو. منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، منهنجي کيسي ۾ ايترا بہ پئسا ڪونہ هئا جو ڪا سواري ڪرائي بابا کي اسپتال تائين پهچايان. مان بيوس هئس، اکين مان زارو قطار ڳوڙها وهي رهيا هئا تہ مان آخر ڪهڙو پٽ آهيان جو پنهنجي بيمار پيءُ جو سهارو بہ نٿو بڻجي سگهان. اهڙو جيون ڪهڙي ڪم جو، اهڙي زندگي نہ ڪپي. مان پاڻ تي ضابطو نہ آڻي سگهيس گهر کان ٻاهر نڪري زارو قطار رنس. نہ مٽ مائٽ ۾ ڪو اميد آسرو هيو نہ ڪو اهڙو شاهوڪار دوست جيڪو اهڙيءَ مهل ۾ ڪم اچي. بس پوءِ خبر ناهي جيئن تيئن ڪري گهر ڀاتين بابا کي سرڪاري اسپتال تائين پهچايو. وقت گذرندو رهيو. حالات ڏاڍا ڏکيا هلندا رهيا.

هڪ ڏينهن هٿ تي هٿ ڏئي مايوس وينو پنهنجي تقدير تي سوچي رهيو هئس تہ آخر الله سائين ايتري امتحان ۾ اسان غريبن کي ڇو ٿو وجهي. اهڙي سوچ ۾ مبتلا هئس تہ ڳوٺاڻي تنظيم محلائي شيخ جي سربراهه خانزادي گهر آئي ۽

تازو ئي ترائي ڳوٺ يوسي محرابپور ۾ يورپين يونين طرفان پنس پروگرام تحت سرسو جي طرفان ٽنڊو محمد خان سينٽر تان سکيا وٺندڙ محمد ڇٽل ابڙو کي ڀاڳئي سڪندر ابڙو پنهنجي مينهن چاڪ ڪرڻ (بيماري ختم ٿيڻ تي انعام طور پنج سئو روپين جو هار پارايو. جيڪو هن لاءِ وڏو اعزاز آهي. جنهن دؤر ۾ نہ سياستدان سار لهي نہ ڪو سرندي وارو. ان دؤر ۾ سرسو طرفان اهڙن پروگرامن معرفت سکيا وٺي مئٽرڪ پاس نوجوانن کي عزت وارو روزگار گهر ويٺي ڏيڻ سچ پچ تمام وڏي ڳالهہ آهي. جيڪا بيان نٿي ڪري سگهجي.



چيائين تہ سرسو - پنس پروگرام طرفان ڪجھ نمائندا آيا آهن چون ٿا مئٽرڪ پاس ڇوڪرو هجي تہ ان جي چونڊ ڪري ڏيو تہ اسان ان کي سرسو پاران ٻن مهينن جو مال مويشين جي سارسنڀال ۽ موسمي بيمارين جي علاج بابت ڪورس ڪرائينداسين. پهريان مان سوچيو تہ اهي اين جي اوز وارا آيا آهن حوال ڪري هليا ويندا نہ ٿو وڃان. هونءَ بہ پهريان ڪهڙن چار چڱن سار لڌي آهي جو هي مالڪي ڪندا.

هڪ ڀيرو ٻيهر ادي خانزادي گهر آئي ۽ چيائين تہ اڄ هُو تنهنجي انتظار ۾ وينا آهن. جڏهن مان سرسو جي موبلائيزيشن جي ٽيم سان وڃي مليس ۽ هنن پنهنجي پروگرام جو تعارف ڪرايو ۽ سمورا تفصيل ٻڌايا ۽ چيو تہ توهان کي ٻن مهينن جي تربيت (RTI) لاءِ آر ٽي آءِ ٽنڊو محمد خان موڪلينداسين. جتي توهان کي مال مويشي جي سارسنڀال ۽ بيمارين  کان بچاءَ جي علاج بابت سکيا ملندي. جنهن کان پوءِ توهان پنهنجي علائقي ۾ مال مويشي جي بيمارين جو علاج ڪري سگهو ٿا. ائين ڪرڻ سان علائقي واسين جي مدد ڪرڻ سان گڏ اوهان جي روزگار جو ذريعو پڻ ٿي سگهي ٿو. سچ پڇو تہ انهن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ زندگيءَ ۾ ڇانيل مايوسيءَ جا ڪڪر پري ويندي نظر پئي آيا.

سرسو ٽيم سان ملاقات ڪانپوءِ مون کي پنهنجي اونداهي واري زندگيءَ ۾ هڪ سڌي ۽ روشن واٽ نظر اچڻ لڳي جيڪا ٿوري ڏنتلي هئي.

ڳوٺاڻي تنظيم محلائي شيخ جي مدد سان مونکي پنهنجي يونين ڪائونسل وڏا مهر ۾ مقامي سهڪاري اداري (ايل ايس او) ماشاءالله پاران ڪليو (CLEW) طور چونڊيو ويو.

جڏهن ٻن مهينن جي تربيت پوري ڪري واپس ڳوٺ آيس تہ مون کي احساس ٿيو تہ اسان ڳوٺاڻي زندگي تائين محدود هئاسين. ۽ ٻيا ماڻهو تمام تيز رفتار سان ترقي ڪري رهيا هئا.

ٻن مهينن جي تربيت حاصل ڪرڻ بعد مون کي سرٽيفڪيٽ مليو. جڏهن تہ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سرسو PINS پروگرام طرفان ٽول ڪٽ (Tool kit) وڏي مان مرتبي سان هاٽوڪي منسٽر لائيواسٽاڪ، فشريز، ڪارپوريشن ڪاتو محترم عبدالباري پتافي جي هٿان ڏياري وئي. جنهن ۾ دوائون، هدايت ناما ۽ بيگ شامل آهي.

هاڻي مان پنهنجي يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي مال مويشين جي سارسنڀال، بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳائڻ ۽ موسمي بيمارين جو علاج پڻ ڪندو آهيان ۽ پاڙي، ڳوٺ ۽ سموري يوسيءَ جا ماڻهو مون کي ڊاڪٽر ڊاڪٽر ڪري سڏيندا آهن.

هن وقت منهنجي ماهوار آمدني پندرنهن هزار کان ويهہ هزارن تائين ٿي ويندي آهي. گهر سکيو ٿو هلي پيو. عزت ۽ حق حلال جي روزي ڪمائي کائون ٿا. ائين لڳي ٿو تہ اونداهي ۾ هڪ روشني جي لاٽ شروع ٿي آهي. اميد آهي تہ ايندڙ وقت ۾ اسان جي اونداهين حياتين ۾ سوجهرو ٿي نروار ٿيندي. سچ پچو تہ هڪ خواب هو سکي زندگي گذارڻ ۽ ايندڙ نسل کي بهتر تعليم ڏيارڻ جو، جنهن ساپيان ماڻي آهي.

منهنجو هڪ ننڍو ڀاءُ آهي جيڪو اٺين درجي ۾ پڙهي ٿو منهنجي دلي خواهش آهي تہ ڪيس ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ مان وٽنري ڊاڪٽر جي ڊگري ڪرائي وڏي ڪلينڪ کولي ڏيان تہ جيئن اسان جي علائقي ۾ جانورن جي پالنا ۽ علاج معالجي صحيح طرح سان ٿي سگهي. ۽ اسان جا گهريلو حالات بہ بهتر ٿي سگهن.

مان خاص طور تي ٿورائتو آهيان سرسو پنس (PINS) پروگرام لاڙڪاڻي جي ٽيم جو جنهن جي بدولت منهنجي مايوسي، مونجهارن ۽ بيروزگاري مان جان آجي ٿي ۽ هڪ خوشحال زندگي جي شروعات ٿي آهي.

*

# ايچ آءِ وي ۽ ايڊز: احتياط جي سخت ضرورت آهي

سنڌيڪار : زبير سومرو

ايڊز هڪ اهڙي بيماري، جيڪا رت جي مدافعتي نظام ۾ خرابي پيدا ٿيڻ ڪري ٿهلبي آهي. هيءَ پکڙجندڙ بيماري، هڪ خاص وائرس، ايچ. آءِ. وي ذريعي پکڙجندي آهي. ”ريٽرو وائرس“ (Retro virus) نالي سان سُڃاتي ويندڙ هيءَ بيماري 1983ع ۾ دريافت ڪئي وئي ۽ 1986ع ۾، انسان جي رت جي ڳاڙهن جُزن ۾ هن بيماريءَ جا جيوڙا ڏٺا ويا. ايڊز جي ڦهلجڻ جو مکيه سبب جنسي بي راهه روي آهي، جڏهن ته ايڊز مان متاثر ٿيل رت جي ڏي وٺ، متاثر ٿيل مريض تي استعمال ٿيندڙ سرنج جو ٻيهر استعمال ڪرڻ، ۽ جسم تي سوراخ ڪندڙ ڪنهن به اوزار (ڪن ٽوپڻ، ڏاڙهي يا وار ڪوڙڻ لاءِ) جو گهڻا دفعا استعمال ڪرڻ پڻ ايڊز جي پکڙجڻ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. هيءَ بيماري آهستي آهستي پکڙجي ٿي، تنهن ڪري، سندس ابتدائي علامتون ۽ نشانيون پڻ آهستي آهستي ظاهر ٿينديون آهن. سڀ کان اول غيرمحسوس، معمولي زڪام جهڙي بيماري ٿي سگهي ٿي، ان کان پوءِ مريض سالن تائين بلڪل نيڪ نظر ايندو. ائين ئي هُو مڪمل ايڊز جو مريض بڻجي ويندو آهي. ايڊز جي وڏين علامتن ۾، وزن جو 10 سيڪڙو گهٽجي وڃڻ، هڪ مهيني تائين الٽيون اچڻ، بخار جو هڪ مهيني تائين رهڻ، ڪنگهه جو مستقل رهڻ ۽ جسم تي ڳاڙها داغ ٿيڻ شامل آهن. ايڊز کان بچاءَ جي طريقن ۾، پنهنجي شريڪ حيات تائين محدود رهڻ ۽ جنسي ڇڙواڳيءَ کان پرهيز ڪرڻ انتهائي اهم آهن، جڏهن ته سُئي يا ٽُڪو لڳرائڻ ضروري هجي ته نئين سرنج استعمال ڪجي: نشئي ماڻهن تي استعمال ٿيل سرنج جي ٻيهر استعمال کان پرهيز ڪجي ۽ ضرورت وقت رت ونجي ته ان ۾ ايڊز جي وائرس ۽ “Hepatitis B” جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي. بليڊ جي گهڻن ماڻهن لاءِ استعمال ٿيڻ ڪري به وائرس پکڙجڻ جو خطرو آهي، ان ڪري هڪ بليڊ ڪي، هڪ ئي ڀيرو استعمال ڪجي. صحت جي عالمي اداري طرفان 1991ع ۾، پڌري ڪيل رپورٽ مطابق سال 2000ع تائين، دنيا ۾ چار ڪروڙ ماڻهو هن بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويندا. صحت جي عالمي اداري ۽ ماهرن طرفان هن بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ هڪ وئڪسين ”زِڊو ويوڊائن“ (Zidovudine) تيار ڪئي وئي آهي، جنهن ذريعي، متاثر ماڻهن جي موت واري شرح کي 20 سيڪڙو تائين گهٽايو ويو آهي، پر تڏهن به اڃا تائين مڪمل طور، هن بيماريءَ جي خاتمي لاءِ ڪو علاج دريافت نه ٿي سگهيو آهي. هن وقت پوري دنيا جا، طب جا ماهر هن ڳالهه تي متفق آهن ته صرف جنسي لاڳاپن ۾ محتاط رهڻ، سرنج جو ٻيهر استعمال نه ڪرڻ ۽ رت جي جزن جي منتقليءَ کان بچڻ ئي هن موتمار بيماريءَ جو واحد علاج آهي.

حياتياتي ماهرن مطابق ايڊز جي بيماريءَ جو سبب هڪ وائرس آهي جنهن کي ايچ آءِ وي جو نالو ڏنو ويو آهي. اهو وائرس مڪمل پيراسائٽ آهي جنهن جو مطلب آهي ٻين جي زندگيءَ تي مدار رکندڙ. وائرس، حياتي جي تمام هيٺائين درجي جي نمائندگي ڪري ٿو ان کي هڪ ئي وقت زنده ۽ مرده چيو ويندو آهي. وائرس جيڪڏهن ڪنهن جاندار تي انحصار ڪندڙ طور موجود هوندو آهي ته ان ۾ زندگيءَ جون علامتون هونديون آهن جيڪڏهن ٻاهر آزاد حالت ۾ هوندو آهي ته مرده هوندو آهي. ايڊز حقيقت ۾ هڪ بيماري نه پر بيمارين جي ماءُ آهي، ڇاڪاڻ ته اها انسان جي فطري مدافعتي نظام کي مفلوج بڻائي ڇڏيندي آهي. نتيجي طور ايڊز ۾ ورتل انسان آسانيءَ سان مختلف نوعيت جي بيمارين جو شڪار بڻجي ويندو آهي. فطري دفاعي نظام جي مفلوج ٿيڻ سان انسان بيمارين جي آمجگاهه بڻجي پوي ٿو ۽ ڪنهن به بيماريءَ لاءِ ڪا روڪ ٽوڪ باقي نه ٿي رهي.

ايڊز پهريون ڀيرو 1982ع ۾ ظاهر ٿي، ۽ ٻن سالن جي تحقيق کان پوءِ ايڊز جو وائرس دريافت ڪيو ويو. جنهن کي ايچ آءِ وي جو نالو ڏنو ويو. آمريڪا ۾ ڊاڪٽر رابرٽ 1984ع ۾ پريس ڪانفرنس ذريعي اعلان ڪيو ته هو ايچ آءِ وي دريافت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي. ايڊز جي خلاف تقريبن ڇوڏنهن ويڪسينز تيار ڪيون ويون آهن. پر اهي مڪمل طور ايڊز تي ڪنٽرول ڪري سگهندڙ نه آهن، تنهنڪري ايڊز هڪ لاعلاج مرض جي صورت ۾ سامهون آيو آهي. رپورٽن مطابق ايڊز ايڪهين صدي جي انتهائي خطرناڪ بيماري طور سامهون آيو آهي. حياتياتي اصولن جي رهنمائي ۾ ماهرن اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته ايچ آءِ وي جديد وائرس آهي. سوال اهو آهي ته اهو پيدا

ڪيئن ٿيو. آمريڪي ماهرن مطابق ايڇ آءِ وي وائرس پهريان موجود وائرس جي قسمن جي بدليل صورت آهي، ۽ اهو جنسي بي راهه روي جي پيداوار آهي. پر اهي سموريون دريافتون ۽ نتيجا حتمي ثابت نه ٿيا آهن. اصل سوال به اهو آهي ته جيستائين ايڊز کي مڪمل طور سمجهيو نه ٿو وڃي ان وقت تائين علاج جو دريافت ٿيڻ به ناممڪن آهي.

ايڇ آءِ وي جي پيدائش تي ڪيترائي مفروضا قائم ڪيا ويا آهن. هڪ نظريو اهو آهي ته ايڊز ڪنهن اڳ موجود وائرس مان اوچتي ارتقائي تبديلي ذريعي پيدا ٿيو آهي، جنهن ڪان پوءِ وائرس جو اڳ موجود ڪو قسم تبديل ٿي ڪري ايڇ آءِ وي جي صورت اختيار ڪري ويو. ماحولياتي ماهرن مطابق ارضياتي ماحول ۾ صنعتي سرگرمين سبب ايندڙ تبديلين فطرت جي نظام کي ڊانواڊول ڪري ڇڏيو آهي، سوين منفي تبديلين سان گڏ سج جي بنفشي شعاعن کي زمين تي پهچڻ وارو عمل آسان بڻجي پيو، اهي شعاع انتهائي طاقتور آهن ۽ ڊي اين اي ۾ تبديلي (ميوٽيشن) جو اهم ترين سبب پڻ آهن. ايڊز وائرس جي پيدائش متعلق ٻيو نظريو اهو آهي ته ايڇ آءِ وي هٿرادو طور جنگي مقصدن لاءِ پيدا ڪيو ويو، جهڙي طرح ٻيا ڪيميڪل، بايولاجيڪل ۽ جراثيمي هٿيار پيدا ڪيا ويا.

ايڇ آءِ وي وائرس رت جي اڇن جزن تي حملو آور ٿيندو آهي، چاڪاڻ ته مرد جي جنسي مادي ۾ رت جا اڇا جزا موجود هوندا آهن تنهنڪري ايڊز ورتل مرد ايڇ آءِ وي جي ڦهلاءَ جو ذريعو بڻبو آهي. اهڙي طرح وائرس عورت ۾ منتقل ٿي ويندو آهي، ان مان ظاهر ٿيو ته جنسي تعلقات ايڇ آءِ وي جي بنيادي ڦهلاءَ جو طاقتور ذريعو نه آهي. ان ۾ عورت جو ڪردار انتهائي محدود ٿي وڃي ٿو. وائرس جي ڦهلاءَ جو بنيادي ذريعو رت جي منتقلي آهي. نيشنل ايڊز ڪنٽرول پروگرام پاران ڪرايل سروي وسيلي پتو پيو آهي ته پاڪستان ۾ آباديءَ جي اهم طبقن اندر ايڇ آءِ وي مرض تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي. ايڇ آءِ وي مرض ٿيڻ ۽ ان کان بچڻ متعلق معلومات جي گهٽتائيءَ سبب ان مرض جو ڦهلاءُ روڪڻ سڀ کان وڏو مسئلو آهي.

”انٽيگريٽيڊ بايولاجيڪل اينڊ بهيوريل سرويلنس اِن پاڪستان 17-2016 “ جي عنوان سان ايڇ آءِ ويءَ بابت ٻئي مرحلي ۾ ڪيل نگرانيءَ ڪانپوءِ سامهون آيل نتيجن تي ٻڌل سروي (ان جي ڪاپي خصوصي طور تي نيوز لينز پاڪستان وٽ موجود آهي) ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته پاڪستان جي ڳتيل آباديءَ وارن علائقن اندر صحت جي سهولتن جو معيار بهتر بڻائڻ گهرجي.

ڄاڻايل مرض متعلق 2011 ۾ گڏ ڪيل انگن اکرن ۾ قومي سطح جي تازه ترين نگرانيءَ تحت ايڇ آءِ ويءَ جي تيزيءَ سان ڦهلجڻ واري شرح بابت معلومات ۾ به درستگيون ڪيون ويون آهن ۽ ان مطابق ايڇ آءِ ويءَ جي تيزيءَ سان ٿيندڙ ڦهلاوَ کي روڪڻ بابت حڪمت عملي تيار ڪرڻ جي سفارش به ڪئي وئي آهي، ان سان گڏ ئي انهيءَ ضرورت تي به زور ڀريو ويو آهي ته مرض متعلق پنجين نگرانيءَ وارو عمل پڻ شروع ڪرڻ گهرجي.نوس معلومات جي گهرج واري معاملي تي توجهه ڏيڻ خاطر يو اين ايڊز اينڊ گلوبل فنڊ (ايڊز بابت گڏيل قومن جي اداري) پاران ملڪ جي 23 شهرن ۾ قومي سطح جي هڪ تحقيقي جاچ جو بندوبست ڪيو ويو ته جيئن مرض جي موجودگيءَ ۽ خطري هيٺ رهندڙ ماڻهن جي وهنوار ۽ رويي جي پرک ڪري سگهجي.

ڄاڻايل رپورٽ آباديءَ جي چئن مخصوص طبقن ۾ ايڇ آءِ وي مرض جو شڪار ٿيڻ متعلق انسانن جي حياتياتي ۽ اٿڻي ويهڻيءَ وارن رخن متعلق معلومات مهيا ڪري رهي آهي؛ جن ۾ اهي ماڻهو جيڪي سُئي وسيلي نشو واپرائن ٿا، اهي مرد جيڪي مردن سان ئي جنسي فعل ڪن ٿا، ٽين جنس وارا ۽ جسم وڪرو ڪرڻ واري ڌنڌي سان لاڳاپيل عورتون شامل آهن. اهي انگ اکر 23 مختلف هنڌن تان ڪٺا ڪيا ويا آهن، جن مان 13 پنجاب، 6 سنڌ ۽ ٻن ٻن هنڌن جو تعلق بلوچستان ۽ خيبرپختونخواه صوبن سان آهي.

سروي ۾ پهريون ڀيرو پيشه ور مرد سيڪس ورڪرن ۽ جنسي عمل لاءِ مردن کي اوليت ڏيندڙ (پيسن خاطر نه پر مخنثيت وارو رجحان هجڻ جي ڪري) مردن کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ اندازو لڳايو ويو آهي ته انهن جو تعداد 07 لک 76 هزار 873 آهي ۽ انهن مان 3.4 سيڪڙو مردن ۾ ايڇ آءِ وي/ايڊز جي بيماري موجود آهي. جڏهن ته پيسن خاطر جسم وڪڻندڙ 55 هزار 340 مردن مان 5.6 سيڪڙو فردن ۾ ايڊز جي بيماري موجود آهي. اندازي موجب هڪ لک 73 هزار 447 عورت سيڪس ورڪرن مان 2.2 سيڪڙو عورتن کي ايڊز جي بيماري لڳي چڪي آهي.

انهيءَ سروي دوران اندازن تحت جن انگن اکرن جي ڪٽ ڪئي وئي آهي انهن وسيلي پتو پئجي رهيو آهي ته پاڪستان ۾ سُئيءَ وسيلي نشو واپرائيندڙ موالين جو وڏ ڪان وڏ تعداد هڪ لک 13 هزار 422 آهي جن مان 38 سيڪڙو ايڊز جا مريض آهن.

جڏهن ته خواجه سرائن (ٽين جسن) وارن فردن ۾ ايڊز جي موجودگي سڀ کان گھٽي 7.1 سيڪڙو آهي جن جي آبادي اندازي موجب 52 هزار 425 آهي. اهو سروي 06 سالن ڪانپوءِ ڪرايو ويو آهي.

نيشنل ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي سربراه ڊاڪٽر عبدالبصير خان اچڪزئيءَ نيوزلينز پاڪستان کي ٻڌايو آهي ته مارچ 2017 تائين پاڪستان ۾ ايڊز جي مريضن جو ڪل تعداد هڪ لک 33 هزار 299 ڪٿيو ويو آهي جن مان صرف 18 هزار 868 مريضن پاڻ کي علاج ۽ صلاح مشورن خاطر رجسٽر ڪرايو آهي. نيشنل ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي سروي مان پتو پيو آهي ته ايچ آءِ وي ايڊز جو مرض گھٽي پاڳي شهري آبادين اندر ئي ڦهلجڻ لڳو آهي. اندازن جي بنياد تي ڪيل ڪٿ موجب مرض جي ڦهلاءُ جي گھٽ ۾ گھٽ شرح 0.1 سيڪڙو آهي ۽ پاڪستان جي عام ماڻهن ۾ ايچ آءِ وي ايڊز جي ڦهلاءُ جي شرح گھٽي گھٽ آهي. جڏهن ته مستقل نگرانيءَ وارن نتيجن تي توجهه ڏنو ويندو ته ان جي نتيجي ۾ اها نشاندهي ٿي رهي آهي ته مخصوص آبادين اندر هي مرض پهريان ئي ڦهلجي رهيو آهي.

پاڪستان جي ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ ايچ آءِ وي ايڊز جو مرض انهن موالين اندر ابتدائي طور تي تيزيءَ سان ڦهلجي چڪو آهي جيڪي انجيڪشن وسيلي نشو واپرائن ٿا. اهڙن موالين معرفت اهو مرض ٽين جنس وارن ۽ ٽين جنس سان تعلق رکندڙ جسم فروشن ۾ ڦهلجڻ لڳو آهي جنهن ڪري اهي امڪان موجود آهن ته اهو مرض هاڻي جسم وڪرو ڪندڙ عورتن ۽ هم جنس پرست مرد جوڙن ۾ به ڦهلجڻ لڳندو.

ذريعن موجب ايچ آءِ وي ايڊز جي مريضن جي 0.1 سيڪڙو واري شرح گھٽي نه آهي ۽ هڪ حساب سان ان ۾ گھڻو اضافو نه پيو اچي پر ان هوندي به پاڪستان اندر مريضن جي شرح ۾ اضافو نظر اچي رهيو آهي ۽ اهڙا ڪي محرڪ نظر نه اچي رهيا آهن جن جي ڪري مرض جي ڦهلاوَ کي روڪي سگھجي. عام آباديءَ اندر ايچ آءِ وي جي موثر ۽ منجمند ٿيل موجودگيءَ جي ڪري اهي امڪان موجود آهن ته هي مرض مخصوص آبادين ۾ وڌيڪ به ڦهلجي سگھي ٿو ڇو ته هي ڦهلجڻ وارو مرض ئي آهي ۽ ان جي ڦهلاوَ جا سبب ۽ وسيلا آباديءَ اندر موجود آهن. اهڙا ڪي به محرڪ نظر نه پيا اچن جن جن آثار چئي سگھجي ته هن مرض ۾ گھٽتائي اچي رهي آهي يا مرض ٻين مکيه آبادين اندر تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي. تحقيقي سروي ۾ صلاح ڏني وئي آهي ته ”حقداريءَ پختن ثبوتن توڙي معلومات ۽ مقامي ماڻهن جي مالڪيءَ هيٺ هلندڙ پروگرامن تحت بايو ميڊيڪل ۽ روين ۾ سڌاري بابت ادارن جي سطح تي منظم مداخلت ٿيڻ گھرجي جنهن تحت موجوده وقتن ۾ ايچ آءِ وي جي روڪٿام لاءِ کڻجندڙ قدمن تحت ابتدائي طور مخصوص فردن ۽ طبقن مٿان ڌيان ڏيڻ گھرجي ته جيئن مرض جي ڦهلاوَ وارن اثرن ۾ گھٽتائي آڻي سگھجي.

تحقيقي سروي ۾ اها تاڪيد به ٿيل آهي ته پاڪستان کي قومي ۽ علائقائي سطح تي ڪارآمد ۽ نوس نگراني ۽ ڪٿ ڪرڻ واري نظام کي قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايڊز ڪنٽرول پروگرام جا انگ اکر مرض روڪڻ لاءِ کڻجندڙ قدمن جي معيار ۽ ڪارگر هجڻ بابت به مفيد معلومات ڏئي سگھن ٿا. تحقيقي اپياس جي آخري جملن ۾ چيل آهي ته ” اسان ڄاڻون ٿا ته جيڪڏهن ايڊز جي بيماريءَ روڪڻ بابت مستقل طور تي اڻپورا ۽ اڌورا قدم کڻجندا رهيا ته هڪ وڏي بحران جو خدشو يقيني طور تي موجود رهندو. اسان اهو به ڄاڻون ٿا ته اهڙا قدم کهڙي طريقي سان کڻي سگھجن ٿا جن آڌار لکين زندگين ۽ اربين ڊالرن جي وسيلن کي بچائي سگھجي ٿو. اهڙي رٿا وسيلي نتيجا حاصل ڪري سگھڻ جوڳا آهن پر ان لاءِ سماج جي هر سطح تي مضبوط قيادت جي گھرج موجود رهندي“.

*




# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس شکارپور روڈ سکر

فون 071-56271820    فیکس 071-5627182-111

ویب سائیٹ www.srso.org.pk